روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com

(جلد 02) خميس 13 جولاءِ 2023ع بمطابق 24 ذوالحج 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 47

پ ٽ الف جو وزيراعليٰ هائوس ڏانهن مارچ، چڪريون، لٺبازي، 50 کان وڌيڪ استاد گرفتار

استادن طرفان الائونس نہ ملڻ ۽ نوڪرين ۾ مستقل نہ ڪرڻ خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ويو جنهن کان پوءِ استادن ريڊ زون ۾ داخل ٿي وزيراعليٰ هائوس طرف وڌيا

پوليس استادن کي اڳيان وڌڻ کان روڪڻ جي لاءِ واٽر ڪينن جو استعمال ۽ لاٺي چارج ڪيو. جنهن دوران ڪيترن ئي استادن کي گرفتار پڻ ڪيو ويو

سنڌ جي پرائمري استادن جا پراڻا مطالبا منظر ڪيا وڃن. اسان سان ناانصافي ڪئي پئي وڃي : استاد

2021ع ۾ مطالبا منظور ڪرائڻ جو يقين ڏياريو ويو هو جنهن تي اڃان تائين عمل ناهي ٿي سگهيو. بائيوميٽرڪ استادن کي جبري طور تي ريٽائرڊ ڪيو پيو وڃي

اسان کي چيو ويو هو تہ ضلعي سطح تي بائيو ميٽرڪ ڪئي ويندي پر اڃان تائين نہ ڪئي وئي آهي

سمورن استادن کي مستقل ڪيو وڃي. سينئر استادن کي گريڊ 17 ۽ سروس اسٽريڪچر ڏنو وڃي

ڪراچي (رپورٽ) ڪراچي پوليس پ ٽ الف پاران احتجاج جي لاءِ وزيراعليٰ هائوس وڃڻ جي ڪوشش ناڪام بنائي ڇڏي. واٽر ڪينن ۽ لاٺي چارج جي استعمال سبب 50 کان وڌيڪ استادن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. پ ٽ الف جي سڌ تي آستادن پاران مطالبن جي مجتا لاءِ پريس ڪلب کان وزيراعليٰ هائوس ڏانهن مارچ ڪيو ويو. استادن طرفان الائونس نہ ملڻ ۽ نوڪرين ۾ مستقل نہ ڪرڻ خلاف پريس

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

دهشتگردن جو بلوچستان ۾ فوجي چانوڻي تي حملو، چار جوان شهيد

دهشتگردن زوب گيريزن ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن کي ڊيوٽي تي موجود فوجين ناڪام بڻايو

فورسز ۽ دهشتگردن وچ ۾ شديد فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ چار فوجي جوان شهيد ٿي ويا ۽ ٽي دهشتگرد مارجي ويا

دهشتگردن سان فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ پنج سيڪيورٽي اهلڪار زخمي به ٿي پيا آهن: آءِ ايس پي آر

راولپنڊي (م ڊ) اتر بلوچستان ۾ دهشتگردن جي هڪ گروپ زوب گيريزن تي حملو ڪري ڏنو جنهن جي نتيجي ۾ 4 سيڪيورٽي اهلڪار شهيد ٿي ويا. آءِ ايس پي آر موجب دهشتگردن زوب گيريزن ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي

جتي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

گهوٽڪي مان لاپتا ٿيل 2 ڀاءِ پيڻ جا تشدد ٿيل لاش قبرستان مان هٿ، گهر ۾ ڪهرام

سلمان، ڪلثوم لغاري ولد قربان لغاري جا تشدد ٿيل لاش نهرو شاهه قبرستان مان هٿ آيا

مقامي ماڻهن قبرستان ۾ پيل بن ٻارڙن جا لاش ڏسي پوليس کي اطلاع ڏنو. اسپتال آندا ويا

ڀاءِ پيڻ جي جسم مٿان سخت تشدد ٿيل هو ۽ لاشن جي حالت به تمام گهڻي خراب ٿيل هئي: ذريعا

گهوٽڪي (رپورٽ) گهوٽڪي مان لاپتا ٿيل بن معصوم ڀاءِ پيڻ جا تشدد ٿيل لاش قبرستان مان هٿ.

بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

اسان سمورن مذهب جو مڪمل احترام ڪندا آهيون: شرجيل ميمڻ

پاڪستان پوري دنيا ۾ سوئيڊن ۾ ٿيڻ واري قرآن پاڪ جي بيحرمتي واقعي خلاف آواز بلند ڪيو آهي

بلاول ڀٽو زرداري دنيا کي يقين ڏياريو آهي تہ مذهبن جي احترام جي معاملي تي اسان اڳ به آواز اٿارندا رهيا آهيون

اسرائيلي بيان ڪانپوءِ اها انتهائي ڳڻتي جوڳي صورتحال آهي. هن چيو تہ پي ٽي آءِ جا اهي رابطا خطرناڪ آهن: سنڌ سماءُ وارو صوبائي وزير

ڪراچي: وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ سنڌ شرجيل انعام ميمڻ ميڊيا ڪانفرنس ڪري ٿا ڳالهائيندي

ڪراچي (رپورٽ) وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ سنڌ شرجيل انعام ميمڻ سنڌ اسيمبلي

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ٽٽي واسي اڄ پيا مرن، پاڻي بحريا ٽائون کي پيو ملي: صنعان قريشي

ٽنڊو (رپورٽ) جيئي سنڌ قومي محاذ جي چيئرمين صنعان قريشي چيو آهي تہ سنڌ گهٽي

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

مرتضيٰ وهاب جي اڳواڻي ۾ سمورن نمائندن جا مسئلا حل ڪندا سين: وڏو وزير

سنڌ حڪومت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ سڀ گڏجي ڪم ڪندؤ تہ شهر ترقي ڪندو

توهان سڀني سان ملاقات جو مقصد بهتر ڪارڪردگي لاءِ هم آهنگي پيدا ڪرڻ آهي

چاهيان ٿو تہ ڪراچي شهر صاف، خوبصورت ۽ وٽننڌڙ نظر اچي: اجلاس دوران ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽ راج ڪمارواڙ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه مڪاني ادارن جي نمائندن کي سنڌ حڪومت جي پرپور تعاون جي خاطري ڪرائيندي چيو آهي تہ ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب جي اڳواڻي ۾ اوهان سمورن نمائندن

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

قرآن پاڪ جي بيحرمتي ڪُڌو عمل آهي جنهن جو ڪو به جواز قبول ناهي: سعودي عرب

عالمي برادري توهين مذهب جي واقعن جي روڪٿام لاءِ قدم کڻي، مسلمانن جي مقدس ڪتاب کي هر هر ساڙڻ ڳڻتي جوڳو آهي

انتهاپسندن طرفان قرآن پاڪ کي ساڙڻ رواداري قدرن جي ابتڙ آهي ۽ اهو نفرت، تعصب ۽ نسل پرستي کي هٿي ڏئي ٿو

سعودي عرب مذهبي نفرتن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ پيش ڪيل ٺهراءَ جي مسودي جي منظوري جو انتظار ڪري رهيو آهي

نيويارڪ (م ڊ) سعودي عرب سويڊن ۾ قرآن پاڪ جي بيحرمتي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي تہ اهوي ڪڏي ڪم جو ڪو به جواز قبول ناهي. پرڏيهي خاڀرو اداري موجب سعودي عرب جي پرڏيهي وزير شهزادي فيصل بن

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

لاهور ۾ باهه جي واقعي دوران هڪ ئي خاندان جا 10 ڄڻا سڙي فوت

بهائي گيٽ واري علائقي ۾ بلڊنگ ۾ باهه لڳڻ جي واقعي ۾ 10 ڄڻا سڙي فوت ٿي ويا

فوت ٿي ويلن ۾ ظهيرالدين نالي شهري جي گهر واري، ٻار، پوٽا ۽ پوٽيون شامل

گهر ۾ باهه شارٽ سرڪٽ سبب لڳي باهه بلڊنگ جي ٿهي منزلن کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو: ريسڪيو اختيارين

لاهور (م ڊ) لاهور جي هڪ گهر ۾ باهه لڳڻ سبب هڪ ئي خاندان جا 10 ڄڻا سڙي فوت ٿي ويا. لاهور جي بهائي گيٽ واري علائقي ۾ بلڊنگ ۾ باهه لڳڻ جي واقعي ۾ 10 ڄڻا سڙي فوت ٿي ويا. فوت ٿي ويلن ۾ ظهيرالدين نالي شهري

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

اسلام آباد: پيٽروليم وارو وفاقي وزير مصدق ملڪ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

دهلي جي جمنا درياهه ۾ خطرناڪ حد تائين چاڙهه، لڏ پلاڻ شروع

نئين دهلي (م د) پارت جي اتر وارين رياستن ۾ مون سون برسات جو سلسلو جاري آهي. پرڏ جي صورتحال پيدا ٿيڻ سبب ماڻهن جي لڏ پلاڻ جاري آهي جڏهن تہ دهلي جي جمنا درياهه ۾ پاڻي 45 سالن جي بلند ترين سطح تائين پهچي ويو آهي. پارٽي ميڊيا موجب ملڪ ۾ مون سون جي سيزن جاري آهي ۽ اتر وارين رياستن ۾ ٽيل تيز

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

سنڌ ايڪسائيز ڪاتي مالي سال 102 سيڪڙو ٽيڪس جو هدف حاصل ڪري ورتو: مڪيش ڪمار چاولا

100 سيڪڙو کان وڌيڪ ٽيڪس گڏ ڪرڻ جي هدف تي ڪاتي جا آفيسر ۽ عملي جا ميمبرن مبارڪباد جا مستحق آهن

مجموعي طور تي 124632 ملين رپين کان وڌيڪ ٽيڪس حاصل ڪيو ويو: صوبائي وزير ايڪسائيز ۽ اينٽي نارڪوٽڪس

آفيسرن ۽ عملي جي خدمتن جي اعزاز ۾ آگسٽ ۾ هڪ رات جي ماني جو انتظام ڪيو ويندو: صوبائي وزير اينٽي نارڪوٽڪس

ڪراچي (رپورٽ) ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ۽ اينٽي نارڪوٽڪس واري صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا هلندڙ مالي سال 23-2022ع جي ٽيڪس وصولين جا تفصيل جاري ڪندي چيو آهي تہ هلندڙ مالي سال ۾ ٽيڪس جا 102 سيڪڙو هدف حاصل ڪيا ويا آهن هن وڌيڪ چيو تہ هلندڙ مالي سال ۾ ڪل 124632.802 ملين رپيا ٽيڪس جمع ڪيو ويو

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

نائٽي واري وزارت ۽ آءِ ايم ايف وچ ۾ گردشي قرض ڪنٽرول ڪرڻ جو پلان طئي ٿي ويو

هلندڙ مالي سال پاور سيڪٽر جو گردشي قرض 2340 ارب رپين تي روڪيو ويندو : ذريعا

گردشي قرض گهٽ ڪرڻ لاءِ 400 اربن کان وڌيڪ رپيا جاري ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي آهي

مجموعي طور تي هلندڙ مالي سال گردشي قرض ۾ 122 ارب رپين جي واڌ ٿيندي

اسلام آباد (م ڊ) نائٽي واري وزارت ۽ آءِ ايم ايف وچ ۾ گردشي قرض ڪنٽرول ڪرڻ جو پلان طئي ٿي ويو. آءِ ايم ايف شرط مڪمل نہ ٿيڻ جي صورت ۾ اڳتي معاهدي لاءِ بہ خبردار ڪري ڇڏيو. ذريعن موجب هلندڙ مالي سال پاور سيڪٽر جو گردشي قرض 2340 ارب رپين تي روڪيو ويندو. گردشي قرض گهٽ ڪرڻ لاءِ 400 اربن کان وڌيڪ رپيا جاري ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

اسلام آباد: وفاقي وزير سيد نويد قمر پاڪستان فارما ايوارڊ تقريب دوران خطاب ڪري رهيو آهي

سنڌ ۾ پي ٽي آءِ جي غير حاضري جو فائدو، مخالف ڌر اڳواڻ ايم ڪيو ايم کي ڏيڻ جي تياري

ڪراچي (رپورٽ) سنڌ اسيمبلي ۾ پي ٽي آءِ جي مخالف ڌر اڳواڻ جي تبديلي جي تياري، پ پ ۽ ايم ڪيو ايم نگران سيٽ اپ لاءِ حڪمت عملي جوڙي ڇڏي. جي ڊي اي حليم عادل شيخ جي حمايت ڪري ڇڏي. سنڌ اسيمبلي جو اجلاس اڄ اربع ڏينهن صبح جو 10 وڳي طلب ڪيو ويو آهي. اجلاس ۾ مخالف ڌر اڳواڻ حليم عادل شيخ

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

انساني حقن بابت اسرائيل جو بيان پي ٽي آءِ چيئرمين جي حق ۾ آهي: وزيراعظم

پي ٽي آءِ حڪومت ويندي ويندي رياست کي داءَ تي لڳائي ڇڏيو هو، پي ٽي آءِ چيئرمين ملڪ دشمني تي لهي آيو، ڪنهن چيو هو تہ پاڪستان سريلنڪا بڻجي رهيو آهي؟

اڳوڻي حڪومت معيشت جو ٻوڙو ٻوڙي ڇڏيو، اسان جي اجتماعي ڪوشش سان اڄ رياست بچي وئي، هاڻ اسان زرعي، معدنيات ۽ ٽيڪسٽائل سيڪٽر کي هٿي ڏيندا سين

توهان اسرائيل جو بيان پڙهيو ۽ ٻڌو هوندو، فلسطينين تي ظلم ڪندڙ اسرائيل چئي رهيو آهي تہ پاڪستان ۾ انساني حقن جون پيچڪڙيون ٿي رهيون آهن

حقيقت ۾ اسرائيل فلسطين ۾ انساني حقن جون جيڪي پيچڪڙيون ڪيون، انهن جو تاريخ ۾ مثال نٿو ملي

وزيراعظم ايندا ۽ ويندا رهندا آهن، پاڪستان ايجوڪيشن انڊوومينٽ فنڊ قائم ۽ دائم رهڻ گهرجي، عوام جي ووٽن سان جيڪا بہ حڪومت اچي، اها تعليم کي ترجيح ڏئي

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي تہ فلسطينين تي ظلم ڪندڙ اسرائيل چئي رهيو آهي تہ پاڪستان ۾ انساني حقن جون پيچڪڙيون ٿي رهيون آهن. حقيقت ۾ اسرائيل جو بيان پي ٽي آءِ چيئرمين جي حق ۾ آهي. اسلام آباد جي علاقي شاهين چوڪ ۾ فلاءِ اوور جي پيڙهه جو پٿر رکڻ جي تقريب سان خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو تہ پي ٽي آءِ حڪومت

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف شاهين چوڪ ۾ فلاءِ اوور جي پيڙهه جو پٿر رکڻ جي تقريب سان خطاب ڪندي

سلامتي ڪائونسل ۾ قرآن پاڪ جي بيحرمتي خلاف پاڪستان جو ٺهراءُ منظور

پاڪستان جي ٺهراءَ ۾ قرآن پاڪ جي بيحرمتي سوڌو مذهبي نفرت جي مذمت ڪئي وئي

ٺهراءَ ۾ قرآن پاڪ جي بيحرمتي ۾ ملوث عنصرن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ تي زور ڏنو ويو

سلامتي ڪائونسل ۾ پاڪستان طرفان ٺهراءَ جي حمايت ۾ 28 ملڪن ووٽ ڏنو

نيويارڪ (م ڊ) گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل ۾ قرآن پاڪ جي بيحرمتي خلاف پاڪستان جو ٺهراءُ منظور ٿي ويو. پرڏيهي خاڀرو اداري موجب پاڪستان جي ٺهراءَ ۾ قرآن پاڪ جي بيحرمتي سوڌو مذهبي نفرت جي مذمت ڪئي وئي. ٺهراءَ ۾ قرآن پاڪ جي بيحرمتي ۾ ملوث عنصرن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ تي زور ڏنو ويو. سلامتي ڪائونسل ۾ پاڪستان طرفان

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

نيويارڪ: گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ٽيل اجلاس جو ڏيک

دالر کي ريورس گيئر لڳي ويو، وڏيڪ سستو

انٽربئنڪ ۾ دالر 277 رپين 48 پئسن تي بند ٿيو : اسٽيٽ بئنڪ

اوپن مارڪيٽ ۾ دالر جو قدر هڪ رپيو گهٽجڻ ڪانپوءِ 281 رپيا تي ويو آهي

ڪراچي (م د) انٽربئنڪ ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ رپئي جي پيٽ ۾ دالر اڄ بہ ڪِري پيو. انٽربئنڪ ۾ دالر جو قدر هڪ رپيو 9 پئسا ڪِري آهي. اسٽيٽ

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

سياسي پارٽي تي پابندي بابت ڪابہ تجويز غور هيٺ ناهي: ايازصادق

چونڊ اصلاحات تي ڪميٽي سفارشن کي ايندڙ هفتي حتمي شڪل ڏيندي

تمام گهڻيون شيون اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار جي دور ۾ ڪيون ويون

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) چونڊ اصلاحات ڪميٽي جي چيئرمين ۽ وفاقي وزير ايازصادق چيو آهي تہ اسان جو ڪم چونڊ اصلاحات ڪرڻ آهي

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اسلام آباد: چونڊ اصلاحات ڪميٽي چيئرمين ۽ وفاقي وزير ايازصادق اجلاس کي خطاب ڪندي

سرڪاري اڳهه تي ڦٽيون نہ ڏيندڙ ڪاٽن فيڪٽري مالڪن خلاف ڪريڪ ڊائون شروع

هاري ڪين سرڪاري اڳهه نہ ڏيڻ واريون 10 کان وڌيڪ ڪاٽن فيڪٽريون ۽ دڪانيون سيل ڪيون ويون

هارين کي ڪيهه جي سرڪاري اڳهه نہ ڏيڻ تي عدالت ڪيڙن جي ڊيلرن جي گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا آهن: ترجمان

ڪراچي (رپورٽ) سنڌ حڪومت ڦٽي جي هارين کي سرڪاري اڳهه نہ ڏيڻ واريون ڪاٽن فيڪٽرين جي مالڪن جي خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪري

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

پي ٽي آءِ ختڪ کي پارٽي مان ڪڍي ڇڏيو، نوٽيفڪيشن جاري

عمر ايوب پرويز خٽڪ جي بنيادي رڪنيت ختم ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

توهان کي 21 جون تي شوڪاز نوٽيس ڏنو ويو، توهان مقرر مدي ۾ تسلي بخش جواب نہ ڏنو عمر ايوب

اڳوڻو صوبائي صدر پرويز خٽڪ

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) اڳوڻي وڏي وزير ۽ اڳوڻي صوبائي صدر پرويز خٽڪ جي بنيادي رڪنيت ختم ڪندي ڪيس پارٽي مان برطرف ڪري ڇڏيو. پي ٽي آءِ جي سيڪريٽري جنرل عمر ايوب پرويز خٽڪ جي بنيادي رڪنيت ختم ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي تہ توهان کي 21 جون تي شوڪاز نوٽيس ڏنو ويو. توهان مقرر مدي ۾ تسلي بخش جواب نہ ڏنو عمر ايوب نوٽيس

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

سوڊان جي بازار ۾ وحشيائي بمباري، ٻارن سوڌو 34 ڄڻا مارجي ويا

ام درمان جي علائقي جي قبضي لاءِ سرڪاري فوج ۽ ٻين فوجي دستن وچ ۾ جهڙپن جو سلسلو جاري

مارجي ويلن ۾ گهڻا واپاري ۽ ٽرانسپورٽ گاڏين جا ڊرائيور شامل

خرطوم (م د) سوڊان ۾ فوج جي ٻن هڪ ٻئي سان وڙهندڙ ڏڙن وچ ۾ جاري ويڙهه دوران ۾ هڪ پُرزونق بازار جنگ جي ڪڙ ۾ آچي وئي جنهن جي

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ريلن کي شمسي توانائي تي منتقل ڪرڻ جو فيصلو

موهن جو دڙو ايڪسپريس جي ڪاميابي جي صورت ۾ بولان ايڪسپريس کي بحال ڪيو ويندو : ريلوي

خوشحال خان خٽڪ ايڪسپريس کي هلائڻ آڻا ڪمرشل اعتبار سان موزون ناهي

لاهور (م د) پاڪستان ريلويز معاشي بار ختم ڪرڻ لاءِ ريلوي نيٽورڪ کي شمسي توانائي تي منتقل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. سي اي او پاڪستان

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

بجلي جي بلن تي سبسڊي واپس وٺڻ واري درخواست رد

بجلي بلن تي سبسڊي ڏيڻ يا واپس وٺڻ حڪومت پاليسي آهي : عدالت سڳوري

سبسڊي واپس وٺڻ جو نوٽيفڪيشن قانون موجب آهي

لاهور: (م ڊ) لاهور هائي ڪورٽ بجلي جي بلن تي سبسڊي واپس وٺڻ خلاف درخواست رد ڪري ڇڏي. عدالت پنهنجي فيصلي ۾ چيو آهي تہ بجلي

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

دوست ملڪ يو اي اي هڪ ارب ڊالر اسٽيٽ بئنڪ ۾ جمع ڪرائي ڇڏيا آهن: اسحاق ڊار

گڏيل عرب امارتن ٿوري دير اڳ هڪ ارب ڊالر موڪليا آهن، جنهن کانپوءِ ٻن ڏينهن ۾ اسان جي خزاني ۾ 3 ارب ڊالرن جي واڌ ٿي آهي

گڏيل عرب امارتن جي وزيراعظم جي دوري تي ڀيارٽ جو واعدو ڪيو هو، جيڪو اڄ پورو ٿي ويو، جنهن تي پاڪستاني عوام طرفان يو اي اي قيادت جو شڪريو ادا ڪيو ويو آهي

پاڪستان پنهنجون سموريون ادائيگيون وقت تي ادا ڪيون آهن، پاڪستان ترقي جي رستي تي هلي رهيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) نائب وارو وفاقي وزير اسحاق ڊار چيو آهي تہ دوست ملڪ يو اي اي هڪ ارب ڊالر اسٽيٽ بئنڪ ۾ جمع ڪرائي ڇڏيا آهن پنهنجي وڊيو پيغام ۾ اسحاق ڊار اعلان ڪيو تہ گڏيل عرب امارتن ٿوري دير اڳ هڪ ارب ڊالر

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

نائب وارو وفاقي وزير اسحاق ڊار

محرم الحرام جو چنڊ 18 جولاءِ 29 ذي الحج تي نظر اچڻ جو چنو امڪان

چنڊ جي پيدائش 17 جولاءِ جي رات 11 لڳي 32 منٽن تي ٿيندي : موسميات ڪاتو

چنڊ نظر اچڻ دوران ملڪ جي ڪيترن ئي حصن ۾ ڪڪر ڇانيل رهڻ جو امڪان آهي

ڪراچي (م ڊ) موسميات ڪاتي اڳڪٿي ڪئي آهي تہ محرم الحرام جو چنڊ 18 جولاءِ 29 ذي الحج تي نظر اچڻ جو چنو امڪان آهي ۽ عاشوري جو ڏينهن 28 جولاءِ جمعي تي ٿيڻ جو امڪان آهي موسميات ڪاتي جو چوڻ آهي تہ چنڊ جي

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

چئن دوست ملڪن طرفان پاڪستان ۾ وڏي سيڙپڪاري جو امڪان

قومي اسيمبلي جي سيڙپڪاري بورڊ بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اجلاس چيئرمين ذوالفقار علي پٽي جي صدارت هيٺ ٿيو

ڪائونسل جي سيڪريٽريٽ وزيراعظم آفيس ۾ قائم ڪئي وئي آهي، جيڪا اينڊڙ بن ڏينهن ۾ ڪم شروع ڪندي : جميل قريشي

ڪائونسل جو سعودي عرب، قطر، گڏيل عرب امارتن سميت ٻين عرب ملڪن سان سيڙپڪاري تي ڌيان آهي

اسلام آباد (م ڊ) سعودي عرب، گڏيل عرب امارتن، قطر ۽ چين طرفان پاڪستان ۾ وڏي سيڙپڪاري جو امڪان آهي. قومي اسيمبلي جي سيڙپڪاري بورڊ بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اجلاس چيئرمين ذوالفقار علي پٽي جي صدارت هيٺ

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪنهن بہ ملڪ تي دٻاءُ ناهيون وجهندا تہ اسان سان يا چين سان لاڳاپا رکو: آمريڪا

آءِ ايم ايف ۽ پاڪستان جو اسٽاف ليول معاهدو سنو سنوڻ آهي، ڏکئي وقت ۾ پاڪستاني عوام سان گڏ آهيون

پاڪستان سان ٽيڪنيڪل انگيجمينٽ جاري رهندي جڏهن تہ پاڪستان سان واپاري ۽ سيڙپڪاري کي مضبوط ڪنداسين

اهڙا رستا ڳوليندا آهيون جن سان پاڪ_آمريڪا لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿين

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي پرڏيهي ڪاتي جي ترجمان ميٿيو ملر چيو آهي تہ آءِ ايم ايف ۽ پاڪستان جو اسٽاف ليول معاهدو سنو سنوڻ آهي. ڏکئي وقت ۾ پاڪستاني عوام سان گڏ آهيون. هن چيو تہ پاڪستان سان ٽيڪنيڪل انگيجمينٽ

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

واشنگٽن: آمريڪي پرڏيهي ڪاتي جو ترجمان ميٿيو ملر تقريب دوران خطاب ڪري رهيو آهي

چرماسي جي ٻئي اسپيل جي آمد، موسميات ڪاتي اهم آگاهي ڏئي ڇڏي

اسلام آباد (م د) برساتون اڃا ختم ناهن ٿيون، چرماسي ۽ جو ٻيو اسپيل برساتون وسائڻ لاءِ تيار آهي. موسميات ڪاتي 13 کان 17 جولاءِ تائين وڏيڪ برسات جي اڳڪٿي ڪئي آهي. عربي سمنڊ مان چرماسي هوائون 12 جولاءِ تي ملڪ ۾ داخل ٿيندون. جنهن جي نتيجي ۾ هيلئان علائقا

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

گلستان جوهر ۾ ناري ۽ سان سرعام زيادتي جي ڪوشش ڪندڙ جوابدار جي سيجاٽپ تي وئي

واقعو 3 جولاءِ تي پيش آيو ۽ ان ۾ ملوث جوابدار جي سيجاٽپ تي وئي آهي : ايس ايس پي اوپر زبير شيخ

پوليس جوابدار جي سيجاٽپ لاءِ گلستان جوهر بلاڪ 4 ۾ لڳل 106 ڪئميرائن جا سي سي ٽي وي فوٽيج حاصل ڪيا

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي علائقي گلستان جوهر ۾ ناري ۽ سان سرعام زيادتي جي ڪوشش ڪندڙ جوابدار جي سيجاٽپ تي وئي. ايس ايس پي اوپر زبير شيخ موجب واقعو 3 جولاءِ تي پيش آيو ۽ ان ۾ ملوث جوابدار جي سيجاٽپ تي وئي آهي هن

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

اقليتي معاملن واري ڪاتي تحت جاري ۽ مڪمل ترقياتي اسڪيمن جي پنج سالن جي ڪارڪردگي رپورٽ طلب

ترقياتي منصوبن جي رپورٽ ريجن وائز هڪ هفتي جي اندر پيش ڪئي وڃي: صوبائي وزير کي هدايت

عوام کي ان جي دروازي تي بنيادي سهولتون پهچائڻ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو ويزن ۽ مشن آهي: گيانچند ايسرائي

سمورن قدمن کي هر حال ۾ ميرٽ ۽ شفافيت کي نظر ۾ رکندي سمورن مرحلن کي مڪمل ڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽ) اقليتي معاملن واري صوبائي وزير گيانچند ايسرائي صوبي ۾ ڪاتي جي تحت هلندڙ اسڪيمن جي پنجن سالن جي ڪارڪردگي

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اقليتي معاملن وارو صوبائي وزير گيانچند ايسرائي

سعودي عرب عمري جي سيزن جي شروعات ڪري ڇڏي

پهرين مرحلي ۾ ملڪ ۾ رهندڙ ۽ نار ملڪن جي شهرين کي پرمٽ جاري ڪيا ويندا

موبائل ايپ ذريعي اجازت نامو حاصل ڪرڻ جو مقصد زائرين لاءِ نئين تجربي کي وڌائڻ آهي

جده (م ڊ) سعودي عرب حج جي پڇاڻي کان پوءِ باضابطا طور تي عمري جي سيزن جي شروعات ڪري ڇڏي. عرب ميڊيا موجب سعودي عرب جي حج ۽ عمري واري وزارت طرفان عمرو پرمٽ جاري ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي ۽ پهرين مرحلي

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اسلام آباد ۽ راولپنڊي ۾ سوين غير قانوني هائوسنگ سوسائٽيون هجڻ جو انڪشاف

اسلام آباد ۾ 150 ۽ راولپنڊي ۾ 318 غير قانوني هائوسنگ سوسائٽيون آهن : سي ڊي اي چيئرمين نورالامين

فتح جنگ ۾ بہ 100 جي لڳ ڀڳ غير قانوني هائوسنگ سوسائٽيون آهن

اسلام آباد (م ڊ) قومي اسيمبلي جي موسمياتي تبديلي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي اجلاس ۾ جاڙن شهرن راولپنڊي ۽ اسلام آباد ۾ 600 کان وڌيڪ غير قانوني هائوسنگ سوسائٽيون هجڻ جو انڪشاف ٿيو آهي. سي ڊي اي چيئرمين نورالامين

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اوپاوڙو ويجهو ڪمون شهيد پرسان درگاهه سيد زور آور لعل تي هٿياربندن جو حملو، ڪيترائي زخمي

درگاهه سيد زور آور لعل تي اهل تشيع طرفان امام حسين عليه سلام جي هلندڙ مجلس مٿان مبينا حملو

اهڙي عمل بعد اهل تشيع ۾ ڪاوڙ جي لهر چائنجي وئي، جوابدار پوليس جي موجودگي ۾ پيج ڀاهه جو الزام

ڊي ايس پي، ۽ ايس ايچ او اوپاوڙو، طرفان اهل تشيع اڳواڻن سان ڳالهيون ڪاميابي ٿيڻ بعد احتجاج ختم

اوپاوڙو (رپورٽ:غلام علي رند) اوپاوڙو ويجهو ڪمون شهيد پرسان درگاهه سيد زور آور لعل تي اهل تشيع طرفان امام حسين عليه سلام جي هلندڙ مجلس مٿان ڏنبا بردار ماڻهن جو حملو ڪيترائي اهل تشيع جا عزادار زخمي اوپاوڙو حملي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

اوپاوڙو: درگاهه سيد زور آور لعل تي اهل تشيع طرفان امام حسين عليه سلام جي هلندڙ مجلس مٿان حملو، ڪيترائي ماڻهو زخمي

نٽي اندر صحافين تي ڪوڙن ڪيسن، پوليس گردي ۽ اميرشاهه پاڏائي کي ڪنيڻ خلاف احتجاج

نيشنل پريس ڪلب نٽو جي ميزباني هيٺ نٽي ضلعي جي تمام پريس ڪلبن جي صحافين جو اجلاس

ڊسٽرڪٽ جرنلسٽ فورم نٽي کي ضلعي سطح تي فعال ڪري پوليس گردي خلاف جدوجهد ڪرڻ جو فيصلو

نٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) نٽي ضلعي اندر صحافين تي ڪوڙن ڪيسن، پوليس گردي ۽ ور جي نوجوان صحافي اميرشاهه پاڏائي کي ڪنيڻ ڪوڙي ڪيس ۾ گرفتار ڪرڻ خلاف نيشنل پريس ڪلب نٽو جي ميزباني هيٺ نٽي ضلعي جي تمام پريس ڪلبن جي صحافين جو احتجاجي ميڙاڪو ۽ اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ڊسٽرڪٽ جرنلسٽ فورم ضلعي نٽي کي پيهر ضلعي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نئون ڪوٽ ۾ بدامني جي باهه، شهري بدامني ۽ منشيات جي روڪٿام لاءِ روڊن تي نڪري آيا

نئون ڪوٽ جهڏو روڊ تي ڏرٿو، ٽريفڪ معطل، سوين گاڏيون بيهجي ويون، ايس ايچ او کي هٽائڻ جو مطالبو

شهرين الهبخش جسڪاڻي، لقمان چانڊيو، سلطان جسڪاڻي ۽ ٻين پاران ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو، نعريبازي

نئون ڪوٽ ۾ بدامني جي باهه پڙڪيل آهي پوليس وڏيرن جي ونگاري بٽيل آهي چورن کي چوٽ ڏني وئي آهي:مظاهرين

نئون ڪوٽ (رپورٽ) نئون ڪوٽ ۾ بدامني جي باهه پڙڪيل، شهري بدامني ۽ منشيات جي روڪٿام لاءِ روڊن تي نڪري آيا. نئون ڪوٽ جهڏو روڊ تي ڏرٿو، ٽريفڪ معطل، سوين گاڏيون بيهجي ويون، ايس ايچ او نئون ڪوٽ کي هٽائڻ جو مطالبو، ڊي ايس پي جهڏو جي خاطري ڪائين، چٽن ڪلاڪن بعد ڏرٿو ختم. خبر موجب نئون ڪوٽ ۾ وڏندڙ بدامني ۽ منشيات جي روڪٿام لاءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نئون ڪوٽ: وڏندڙ بدامني خلاف رهواسي روڊ بند ڪري احتجاج ڪري رهيا آهن

وڏندڙ مهانگائي غريب ۽ مظلوم

عوام مان جيئڻ جي اميد ڪسي

ورتي آهي: نور احمد قاسمي

سڪر (بيورو رپورٽ) پاڪستان سني تحريڪ سنڌ صوبي جي صدر مولانا نور احمد قاسمي چيو آهي ته ملڪ ۾ وڏندڙ مهانگائي غريب ۽ مظلوم عوام مان جيئڻ جي اميد ڪسي ورتي آهي امير وڏيڪ امير ٿيندو ڀيو وڃي، غريب ڏينهن ڏينهن غريب ٿي رهيا آهن، لڳي ٿو ته حڪومت مهانگائي گهٽائڻ بدران عوام کي گهٽائڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

دبئي کان ڪراچي شادي لاءِ آيل نوجوان جي مارجڻ جو ايڊيشنل آءِ جي نوٽيس ورتو

ڪراچي پوليس چيف نوجوان هاشم مگسي جي قتل واري واقعي جو نوٽيس وٺندي رپورٽ طلب ڪئي

نوجوان هاشم مگسي بلوچستان کان اچي رهيو هو ته منگهو پير ويجهو پوليس فائرنگ ڪري ماري ڇڏيو

ايڊيشنل آءِ جي ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري سندن خلاف قانوني ڪارروائي جي هدايت پڻ ڪئي:ذريعا

ڪراچي (باغي ساگر پنهور) دبئي کان ڪراچي شادي لاءِ آيل نوجوان قرباني واري عيد تي گهوٽ بٽجڻ بعد پوليس جي گولين جو ڪاڻ، واقعي جو نوٽيس، رپورٽ طلب ڪراچي پوليس چيف نوجوان هاشم مگسي جي قتل واري واقعي جو نوٽيس ورتو، شفاف نموني جاچ جو حڪم هاشم مگسي دبئي کان رمضان شريف ۾ شادي ڪرڻ لاءِ آيل هو قرباني واري عيد تي سندس شادي به ٿي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

بدين ۾ پاڻي جي ڪوٽ جي خلاف آبادگارن جو احتجاجي اجلاس، جدوجهد ڪرڻ جو فيصلو

ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم مان پاڻي سمنڊ ڏانهن روانو ڪرڻ باوجود بدين ضلع ۾ پاڻي جي ڪوٽ برقرار

بشير احمد نوتڪاڻي عبدالشڪور ميمڻ عبدالغفور چانڊيو سيد ظفر علي شاهه عبدالحفيظ ميمڻ شريڪ

ڪيڏ ۽ شادي سب ڊويزنن سميت علي پور جي ميرواهه ۽ مورجهر ۾ پاڻي جو بدترين بحران جاري آهي: آبادگار

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ پاڻي جي ڪوٽ جي خلاف آبادگارن جو احتجاجي اجلاس ايڪشن فورم قائم خميس تي پريس ڪانفرنس زريعي مرحليوار جدوجهد ڪرڻ جو فيصلو تفصيل موجب ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم مان پاڻي سمنڊ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

بدين: پاڻي ڪوٽ خلاف آبادگارن پاران ڪوناڀل اجلاس جو ڏيک

سرحد پريس ڪلب جي

اڳوڻي صدر حاڪم ابرو جي

گهر واري لاڏاڻو ڪري وئي

سرحد (غلام عباس مهر) سرحد پريس ڪلب جي اڳوڻي صدر حاڪم ابرو جي گهر واري ڪجه عرصو بيمار رهڻ بعد سڪر جي نجي اسپتال ۾ زندگي جي جنگ هاري سندس جي جنازه نماز ابائي گوٺ رئيس الهڏنو خان ابڙو ۾ ادا ڪئي وئي جنازي نماز ۾ مختلف برادرين جي جڳن مڙسن سياسي سماجي اڳواڻن ۽ صحافين وڏي انگ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سڪر انتظاميه پاران محرم الحرام دوران سڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪرڻ جو فيصلو

ڊپٽي ميئر، چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ۽ ميونسپل ۽ ٽي ايم ايز سميت عملدارن کي هدايتون

روٽس ۽ امام بارگاهن جي پرپاسي صفائي سٿرائي ۽ اسٽريٽ لائيٽس جا انتظام بهتر بڻايا وڃن: ڊي سي

سڪر (امداد علي گل ڪلوڙ) ضلعي انتظاميه سڪر پاران محرم الحرام دوران سڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪرڻ جڏهن ته جلوسن جي نگراني ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ڊپٽي ميئر سڪر، چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سڪر ميونسپل ۽ ٽي ايم ايز سميت بلدياتي ادارن جي آفيسرن کي هدايت ڪئي آهي ته مجلسن ۽ جلوسن جي روٽس ۽ امام بارگاهن جي پرپاسي صفائي سٿرائي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان جي صدارت هيٺ محرم الحرام دوران امن امان جي حوالي سان اجلاس

ياسر پٽي جي صدارت هيٺ محرم الحرام دوران امن امان ۽ پائيچاري واري صورتحال برقرار رکڻ بابت گڏجاڻي

مڙني مڪتب فڪر سان واسطو رکندڙ علماءِ اڪرام ۽ مذهبي اڳواڻ پنهنجو پرپور ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي: ڊي سي

امام بارگاهن، مسجدن سميت عبادت گاهن ۽ منعقد ٿيندڙ مجالس جي پروگرامن ۾ شرانگيز بيان کان پاسو ڪيو وڃي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان ياسر پٽي جي صدارت هيٺ محرم الحرام دوران امن امان ۽ پائيچاري واري صورتحال برقرار رکڻ، روشني، صفائي سٿرائي ۽ پيئڻ جي صاف پاڻي جا جوڳا انتظام ڪرڻ بابت ڪيل انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ اجلاس اڄ ڊي سي ڪامپليڪس جي ڪميٽي هال ۾ منعقد ٿيو اجلاس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٽنڊو محمد خان: محرم الحرام جي حوالي سان ڪوناڀل اجلاس ۾ ڊي سي ۽ ٻيا عملدار شريڪ آهن

پاڪ فوج جي شهيدن کي خراج

تحسين ۽ خراج عقيدت پيش

ڪرڻ لاءِ ريلي ڪڍي وئي

ٽنڊو (ڊر) پاڪ فوج جي شهيدن کي خراج تحسين ۽ خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ هڪ ريلي چيڪ پوسٽ گهارو کان اي سي آفيس گهارو تائين محمد اسلم جوڪيو، سماجي اڳواڻ پير غلام حسين شاهه، ڪريم بخش جوڪيو، سلطان احمد، فوجي غلام رسول، نياز خاصخيلي، علي حسن جي اڳواڻي ۾ ڪري شهيدن کي خراج تحسين پيش/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڏڙو، ٻنون فاريسٽ رينج کان وٺي عرب سمنڊ تائين سجاول جي زمينن تي بااثر مافيائن جو قبضو

سجاول ضلعي جي ٻيلن مان وڻن جي نسل ڪشي وارو عمل تيزي سان جاري، اختياريون خاموش تماشائي

عملدار فاريسٽ ڪاٽي سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ جي حڪمن ڀڃڪڙي ڪري مختلف ريٽ مقرر ڪري ڇڏيا

قبضاگيرن ٻيلي جي زمينن تي قبضو ڪرڻ بعد مڪئي، ساريون، ڪمند، سرهه، سبزي ۽ ٻيا فصل پوکي ڇڏيا

ڏڙو (شوڪت ميمڻ) ڏڙو، ٻنون فاريسٽ رينج کان وٺي عرب سمنڊ تائين سجاول ضلعي جي هزارين ايڪڙ ناياب زمينن تي بااثر مافيائن جو قبضو، سجاول ضلعي جي ٻيلن مان وڻن جي نسل ڪشي وارو عمل تيزي سان جاري، فاريسٽ ڪاٽي سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۽ سنڌ هائي ڪورٽ جي حڪمن جي ڪلهه ڪلا ڀڃڪڙي ڪري ڪڇي جي زمينن تي آبادي ڪرڻ لاءِ مختلف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سڪر جي سماجي اڳواڻ شائسته ڪوسرو ۽ ٻيا پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

سڪر ۾ چورين جي واردات جو سلسلو رڪجي نه سگهيو، موٽرسائيڪل چوري

منگريه محلي ۾ پاگيل پيو جي بيٽل وڏيڪ موٽر سائيڪل چور ڪاهي فرار ٿي ويا

لائج موڙ چوڪي تي (اين سي) ڪٽي ڪري تفتيشي جو عمل شروع ڪري ڇڏيو

سڪر (بيورو رپورٽ) سڪر ۾ چورين واردات جو سلسلو رڪجي نه سگهيو آهي منگريه محلي ۾ هڪ وڏيڪ موٽر سائيڪل (ايس ڪي ايل) نمبر 5954 سي ڊي ماڊل 2004 تالي پاگيل پير جي بيٽل موٽر سائيڪل جو تالو توڙي ڪري وڃ گهٽي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

بوزدار ڳوٺ ڊپي واسي نياڻي ڪنول بتول پاران وارثن سان گڏجي بااثرن خلاف احتجاج

نياڻي ڪنول بتول پنهنجي پيءُ غلام مصطفا ۽ پاءُ آفتاب احمد جسڪاڻي احتجاج ڪيو

برادريءَ جا بااثر ۽ بليڪ ميلر يونيورسٽي رڄڻ نٿا ڏين، رسنا روڪ ۽ حراسمينٽ ڪن ٿا: نياڻي

سڪر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) وڏا بوزدار ڳوٺ ڊپي واسي نياڻي ڪنول بتول پنهنجي پيءُ غلام مصطفا ۽ پاءُ آفتاب احمد جسڪاڻي سان گڏجي ڳوٺ جي بااثرن ۽ بليڪ ميلرن محمد عاصم نويد، عطاءالله، ارشد محمود، پوليس ڪانسٽيبل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سڪر: سماجي اڳواڻ شائسته ڪوسرو ۽ ٻيا پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

بدين ۾ جمعيت اهلحديث ۽ ٻين مذهبي جماعتن جي اڳواڻن پاران حرمت رسول صم ريلي

اڳواڻن جي ريلي جامع مسجد مولانا حاجي احمد ملاح کان ڊي سي چوڪ تي اختتام پذير ٿي

مولانا عبدالرزاق ابراهيمي، مولانا محمد خان توحيدي، مولانا عبدالعزيز نظاماڻي پاران مظاهرو

بدين (رپورٽ:مرتضيٰ ميمڻ) ڊاڪٽر عبدالحفيظ سومن ناظر اعلا جمعيت اهلحديث سنڌ ۽ ٻين مذهبي جماعتن جي اڳواڻي ۾ حرمت رسول/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سلطانپور ويجهو ڳوٺ پيرمحمد لنجار ۾ 15 سالن جي نينگري ٻڏي فوت

قاضي واهه ۾ ٻڏي فوت سلطانپور: ٻڏي ويل نينگري جي لاش جي ڳولها جاري

ڏاڙن ڪيس ٻڏندو ڏسي اطلاع ڏنو نينگري جي گهر ۾ روڄ راڙو مٿل لاش جي ڳولها جاري

سلطانپور (رپورٽ) سلطانپور ويجهو ڳوٺ پيرمحمد لنجار ۾ 15 سالن جي نينگري ظهران ڏي ۽ يار محمد لنجار قاضي واهه ۾ ٻڏي فوت سلطانپور: ٻڏي ويل نينگري جي لاش جي ڳولها جاري سلطانپور: ٻڏي ويل نينگري جو دماغي توازن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سنڌ ڪلچرل فورم جي باني چيئرمين پاران استادن جي پيادل مارچ تي تشدد جي مذمت

سيد غلام محمد شاهه لڪياري ۽ ٻين سنڌ جي پرائمري استادن تي تشدد جي مذمت ڪئي

رينجرز جو تشدد بنيادي انساني حقن ۽ جمهوريت جي اصولن جي خلاف ورزي آهي: صادق لاکو

ٽنڊو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) سنڌ ڪلچرل فورم جي باني چيئرمين صادق لاکو، ميرمختار آگرو، رزاق چانڊيو، رحمت الله سومن، نثار احمد ڪيريو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٽنڊو ياگو شهر جي نئون آباد محلي واري نمبر 7 جو رهواسي نينگر ٻڏي فوت

ميگهواڙ پاڙي جو رهواسي 9 سالن جو جهامنداس پٽ راڻو ميگهواڙ ٻڏي فوت ٿي ويو

لاش اسپتال نيو ويو، وارث لاش گهر کڻائي ويا لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

ٽنڊو ياگو (رفاقت جروار) ٽنڊو ياگو شهر جي نئون آباد محلي واري نمبر 7 ميگهواڙ پاڙي جو رهواسي 9 سالن جو جهامنداس پٽ راڻو ميگهواڙ ٽنڊو ياگو شهر جي ٻائي پاس موري وٽ واهه ۾ وهنجندي ٻڏي فوت ٿي ويو جنهن کي وارث.. تعلقه/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

شڪارپور پوليس 47 ڏاڙن جي ڪارڪردگي رپورٽ جاري ڪري ڇڏي

40 ريڊ ڪيا ويا، ڏوهارين جي ڪيترن ئي گهرن ۽ پناهه گاهن کي تباه ڪيو ويو

06 گينگ برسٽ ڪري 79 ڏوهاري گرفتار، 16 يرغمالين کي بازياب ڪرايو ويو

شڪارپور (رپورٽ:عبدالخالق سومرو) شڪارپور پوليس 47 ڏاڙن جي ڪارڪردگي رپورٽ جاري ڪري ڇڏي. ايس ايس پي شڪارپور امجد احمد شيخ جي قادت ۾ شڪارپور پوليس جي ستياناسيهن ڏينهن جي ڪارڪردگي رپورٽ جاري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

نوشهروفيروز: ڳوٺ ڪوڙو لاشاري واسي انصاف لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

سنڌ پوليس ۾ گريڊ 1 کان گريڊ 4 جي مختلف آسامين ۾ پرتي لاءِ شيڊيول جاري

جوڙيل ڪاميٽي پاران 18 جون 2023ع تائين گريڊ 1 کان گريڊ 4 تائين انٽرويو ولندي

سوين نوجوانن سينيٽري ورڪرز ۽ ڪارپينٽر جي آسامين لاءِ درخواستون جمع ڪرايون هيون

داد (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سنڌ پوليس ۾ گريڊ 1 کان گريڊ 4 جي مختلف آسامين ۾ پرتي لاءِ حيدرآباد رينج سان تعلق رکندڙ خواهشمند اميدوارن جي انٽرويو جو شيڊيول جاري ڪيو ويو آهي شيڊيول مطابق ڊي آئي جي حيدرآباد رينج/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

الخدمت اسپتال ڏهرڪيءَ ۾ ڊينٽل ڊپارٽمينٽ جو افتتاح، ساڄاهه وٺڻ شريڪ ٿيا

پيڊس ڪلينڪ، گائناڪالاجي ڪلينڪ، آرٿو ڪلينڪ، اسڪن ڪلينڪ موجود آهن

الخدمت ڪيترن ئي سالن کان غريب ۽ مسڪين ماڻهن جي خدمت ڪري رهي آهي: محمد ذيشان

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موتواڻي) الخدمت اسپتال ڏهرڪيءَ جنهن 2005ع کان ڏهرڪيءَ شهر ۾ صحت جي بگڙيل صورتحال کي نظر ۾ رکندي ڪلينڪ شروع ڪئي، جيڪا هاڻي 3 ماڙ اسپتال جي عمارت تائين پهچي چڪي آهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سڪر جي بندر روڊ تي دڪاندار جي ڏاڍائي هجڻ ڪري بجلي جي پولن تي قبضو

سيبڪو طرفان لڳايل تي چار ٽرانسفارمر سان خطري جي گهنٽي لڳي وئي آهي

اتي عام ماڻهون کي ڪرسيون هٽائي ڪري ڪمائي جو ڌندو بڻائي ڇڏيو آهي:ذريعا

سڪر (بيورو رپورٽ) سڪر جي بندر روڊ تي دڪاندار جي ڏاڍائي هجڻ ڪري بجلي جي پولن تي قبضو ڪري شهرين جي لاءِ خطرناڪ صورتحال تي سگهجي تي، سيبڪو طرفان لڳائل تي چار ٽرانسفارمر سان خطري جي گهنٽي لڳي وئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ڏڙو: بااثرن پاران سرڪاري زمين ڪيل قبضي بعد تيار ٿيل فصل جو ڏيڪ

ڪشمور ۽ گڏو جي اسپتالن جي ڊاڪٽرن پاران ايم ايس ڊاڪٽر منير جي اغوا خلاف احتجاج

ايم ايس ڊاڪٽر منير نائچ جي اغوا واقعي خلاف ڪم چڏ هڙتال ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

مشتاق احمد سومرو، ڊاڪٽر عبدالحئي ڪوسو، ڊاڪٽر جمع مزاري ڊاڪٽر، سياڻ لنڊ جي اڳواڻي ۾ ريلي

هٿياربندن خانگي ڪلينڪ تي حملو ڪري ڊاڪٽر منير نائچ کي اغوا ڪري ڪڍي ويا آهن: مظاهرين جو الزام

ڪشمور (رپورٽ:اصغر علي چانڊيو) ڪشمور ۽ گڏو جي اسپتالن جي ڊاڪٽرن پاران گذريل ڏينهن گڏو واپڊا اسپتال جي ايم ايس ڊاڪٽر منير نائچ جي اغوا واقعي خلاف ڪم چڏ هڙتال ڪري پريس ڪلب ڪشمور آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

جهڏو ۾ هيلٿ ملازم جو

ڊي ايچ او ميرپورخاص

خلاف احتجاجي مظاهرو

جهڏو (ممتاز جوڻيجو) جهڏو ۾ هيلٿ ملازم جو ڊي ايچ او ميرپورخاص خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو. خبر موجب جهڏو جي اسلم ٽائون جي رهواسي منظور احمد لغاري ميڊيا سينٽر جهڏو تي احتجاج ڪندي دانهيندي چيو ته مونکي 2015 ۾ صحت ڪاتي اندر 2 اسڪيل جي نوڪري ملي جنهن بعد سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ڪشمور: ڊاڪٽر منير نائچ جي اغوا واقعي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سانگهڙ ۾ ٻارن جي حقن جي حوالي سان ڪم ڪندڙ سماجي تنظيم پاران اسٽيج ٿيٽر پيش

ٻارن جي حقن ۽ ننڍي عمر ۾ شادين واري معاملي تي ڪم ڪندڙ سماجي تنظيم پاران ٿيٽر پيش ڪيو ويو

پروگرام ۾ ڊسٽرڪٽ يونيسيف پاران ٻارن جي حقن جي لاءِ مقرر آفيسر سدرت ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

سانگهڙ (رپورٽ:نادر بڙدي) ٻارن جي حقن جي حوالي سان ڪم ڪندڙ سماجي تنظيم پاران ٿيٽر جو انعقاد شفا فائونڊيشن پاران ٻارن ۽ والدين ۾ سڃاڻپ لاءِ اسٽيج ٿيٽر پيش ڪيو ويو سانگهڙ ۾ ٻارن جي حقن ۽ ننڍي عمر ۾ شادين واري معاملي تي ڪم ڪندڙ سماجي تنظيم شفا فائونڊيشن پاران ٻارن ۽ والدين ۾ سڃاڻپ پيدا ڪرڻ جي لاءِ ڳوٺ اقبال احمد بڙدي ۾ اسٽيج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوشهرو فيروز ۾ بجلي جي بحران ۽ سيپڪو عملدارن جي من مستين خلاف احتجاج

رهواسين پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو. ايل ايس اياز ملڪ خلاف سخت نعري بازي

سيپڪو جي راشي عملدارن اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، سخت پريشان آهيون: مظاهرين

بل بہ پياريل آهن اسان اياز ملڪ سان رابطو ڪيو بل پيارڻ باوجود لائيٽ چو ڪٽيل آهي، جواب ناهي مليو

نوشهروفيروز (د ر) بجلي جي بحران ۽ سيپڪو عملدارن جي من مستين خلاف عرب ڪالوني نوشهرو فيروز جي رهواسين پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو. ايل ايس اياز ملڪ خلاف سخت نعري بازي ڪئي ان مرڪعي تي ڳالهائيندي فرمان نول، عمران ميمڻ، ڊاڪٽر ظهير احمد، شوڪت آرائين ۽ قلندر بخش نول چيو ته سيپڪو جي راشي عملدارن اسان جو جيئڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

چونڊيل نمائندن سنڌ جي تئين

نمبر وڏي شهر سڪر کي لاوارث

چڏي ڏنو آهي: محمد جاويد ميمڻ

سڪر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سڪر ڊيولپمنٽ الائنس جي چيئرمين حاجي محمد جاويد ميمڻ چيو آهي ته شهر جي چونڊيل نمائندن سنڌ جي تئين نمبر وڏي شهر سڪر کي لاوارث چڏي ڏنو آهي، حڪمرانن، چونڊيل نمائندن ۽ آفيسرن جي عدم توجهه جي ڪري شهرين جي بنيادي مسئلن ۾ ڏينهن ڏينهن اضافو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نوشهروفيروز: سيپڪو عملدارن خلاف شهري احتجاج ڪري رهيا آهن

غوثپور لڳ الاهي بخش بجارائي ۾ قبضو ڪندڙ هٿياربندن ۽ پوليس ۾ چڪريون، اهلڪار شهيد

قبضو ڪندڙ تيغائي برادري ۽ پوليس وچ ۾ جديد هٿيارن جو استعمال ڪندي مقابلو ٿي پيو

ايس ايچ او گهوڙاڳهاڻ عبدالحڪيم جتوئي شيرال آباد تائي جو انچارج سڪندر چانڊيو ۽ ٻيا زخمي

پوليس اهلڪار احمد بارجتوئي گوليون لڳڻ سبب شهيد ڪيو ويو، تيغائي برادري جا چار ماڻهون زخمي پڻ ٿيا

خانپور/ڪنڊڪوٽ (نمائندن وٽان) غوثپور لڳ الاهي بخش بجارائي ۾ زمين جي قبضي چڏائڻ دوران قبضو ڪندڙ تيغائي برادري ۽ پوليس وچ ۾ جديد هٿيارن جو استعمال ڪندي هڪ ٻئي مٿان جديد هٿيارن سان فائرنگ جي ڏي وٺ دوران تيغائي هٿيارٻندنن هٿان ايس ايچ او گهوڙاڳهاڻ عبدالحڪيم جتوئي شيرال آباد تائي جو انچارج سڪندر چانڊيو ۽ پوليس اهلڪار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڪورونا، ٻوڏ ۽ معاشي مشڪلاتن باوجود گهوٽڪي ۾ ترقي جو سفر جاري آهي: محمد بخش مهر

تاريخ ۾ ايترو ڪم ڪڏهن ناهي ٿيو، انهن علائقن ۾ بہ روڊ تعمير ڪرايون پيا جتي ڪڏهن ترقي نہ ٿي هئي

پاڪستان پيپلز پارٽي جي اولين ترجيح عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ آهي، عوام اسان سان گڏ آهي

گوٺ جلال الدين مهر يوسي پيٽور، لاڙيون مهر نهندي کان گوٺ ڪبير مهر، عادلپور کان قاضي بادل کي سهولت ملندي

خانپورمهر (آفتاب سيال) پ ب ايم اين اي محمد بخش مهر جيو آهي ته ڪورونا، ٻوڏ ۽ معاشي مشڪلاتن باوجود گهوٽڪي ۾ ترقي جو سفر جاري آهي، ضلعي جي تاريخ ۾ ايترو ڪم ڪڏهن ناهي ٿيو، انهن علائقن ۾ بہ روڊ تعمير ڪرايون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

گوٺ صالح پٽ جي رهواسي

پاران برادري جي بااثرن

خلاف احتجاجي مظاهرو

سڪر (بيورو رپورٽ) شنبائي برادري سان تعلق رکندڙ گوٺ صالح پٽ جي رهواسي محمد نواز شنبائي سڪر پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي چيو آهي ته برادري جي بااثر جوابدارن حبيب الله شنبائي، عبدالحميد، عبدالواحد عبدالجواد، محمد نواز شنبائي، نياز، فيض محمد ۽ ٻين هڪ مهينو اڳ منهنجو ٽريڪٽر چوري ڪيو هو جنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

خانپورمهر: پ ب ايم اين اي محمد بخش مهر روڊ جي افتتاح بعد دعا گهري رهيو آهي

نوشهرو فيروز ويجهو ڪوڙو خان لاشاري ۾ لاشاري ذرجي ٻن ڏرين ۾ جهيڙو، 3 زخمي

رٽائرڊ فوجي شوڪت زبير نويد لاشاري سخت زخمي ٿي پيا جن کي سول اسپتال داخل ڪيو ويو

عاشق لاشاري ذبيرجان محدلاشاري زخمي ٿيل فوجي شوڪت علي لاشاري جي گهرواري احتجاج ڪيو

چٽل لاشاري زاهد لاشاري ۽ نظير لاشاري سڌيون گوليون هٿي اسان جي ماڻهن کي مرٽينگ ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) نوشهرو فيروز ويجهو ڪوڙو خان لاشاري ۾ لاشاري ذرجي ٻن ڏرين ۾ جهيڙو 3 چڻا رٽائرڊ فوجي شوڪت زبير نويد لاشاري سخت زخمي ٿي پيا جن کي سول اسپتال نوشهرو فيروز داخل ڪيو ويو جن مان هڪ فوجي شوڪت کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ نواب شاهه اسپتال ريفر ڪيو ويو آهي جڏهن ته سنڌن وارث عاشق لاشاري ذبيرجان محدلاشاري زخمي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٽاروشاهه ۽ پرپاسي جي علائقن ۾ وڏندڙ بدامني ۽ صحافي جي پٽ کان قرخلاف احتجاج

شهرين ۽ صحافين غلام شبير اڄڻ ثناءالله چنڙ شاهد سومرو ظهير سومرو جي اڳواڻي ۾ مظاهرو

ٽاروشاهه ۽ آس پاس ۾ بدامني جي باهه پڙڪي پئي آهي ڪوبہ روڊ رستو محفوظ ناهي: مظاهرين

ثناءالله چنڙ جي پٽ احمد خان چنڙ ۽ پائٽئي ياسين چنڙ کان هٿياربند گاڏيون فرڪري فرار ٿي ويا آهن

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ٽاروشاهه ۽ پرپاسي جي علائقن ۾ وڏندڙ بدامني ۽ صحافي ثناءالله چنڙ جي پٽ ۽ پائٽئي ياسين فرڪري پئي آهي ڪوبہ روڊ رستو محفوظ ناهي: مظاهرين سائيڪلون واپس نہ ٿيڻ خلاف احتجاج، شهرين ۽ صحافين غلام شبير اڄڻ ثناءالله چنڙ شاهد سومرو ظهير سومرو فاروق ڏهراج ڪامريڊ اعجاز تصير ابڙو ۽ ٻين احتجاج ڪندي دانهيندي ٻڌايو نہ ٽاروشاهه ۽ آس پاس ۾ بدامني جي باهه پڙڪي پئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

نوشهروفيروز: وڏندڙ بدامني خلاف قلم ڊائي احتجاج ڪري رهيا آهن

سڪر ٽائون جي مختلف يوسيز ۾

نالن جي صفائي جو عمل تيز

ڪيو ويو آهي: طارق چوهاڻ

سڪر (بيورو رپورٽ) مون سون جي برساتن جي خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ نثار صديقي ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين طارق چوهاڻ جي هدايتن تي ٽائون جي مختلف يوسيز ۾ نالن جي صفائي جو عمل تيز ڪري ڇڏيو آهي، جڏهن ته برسات کان اڳ هيوي مشينري ذريعي نثار احمد صديقي ٽائون جي مختلف يو ايس ايز جن ۾ بجل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

بدين جي سول سوسائٽي جي نمائندن ليفٽ بينڪ آئوٽ فال ڊرين کي تباهي جو زميوار قرار ڏئي ڇڏيو

مقامي ماڻهن زراعت ماهيگيري معاشيات ۽ ماحوليات جي تباهي جو زميوار قرار ڏئي نوٽيس جي گهر ڪئي

قدرتي گزرگاهن کي بحال ڪرڻ ۽ سر نالي تي هرسال خرچ ٿيندڙ اربين روپين جي ميگا ڪرپشن کي روڪڻ جو مطالبو

ماهيگيري کي پهتل نقصان کانسواءِ زرعي نقصان تي مقامي ماڻهن جي خيالن کي مهارت سان پيش ڪيو ويو آهي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) سول سوسائٽي جي نمائندن ۽ مقامي ماڻهن ملڪ جي سڀ کان وڏي ڊرينيج منصوبي ليفٽ بينڪ آئوٽ فال ڊرين (ايل بي او ڊي) کي ضلع جي زراعت ماهيگيري معاشيات ۽ ماحوليات جي تباهي جو زميوار قرار

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
خميس 13 جولاءِ 2023ع

’ڏاڙيلن‘ طرفان ’پلاند‘ واري چتاءَ جي وائرل ٽيل وڊيو

سنڌ ۾ اغوا انڊسٽريءَ جي عروج ۽ ڏاڙيل گردي‌ءَ جا سبب اڳ ۾ به گهڻا نه هئا پر هاڻي ته اهي بي لباس ٿي سامهون اچي ريا آهن ۽ واضح ٿي ويو آهي ته ڏوهن جي ان دنيا جا ”بادشاهه“ به انهن قوتن جا ”ڏن ـ پيرُ“ راجا آهن، جيڪي قوتون ۽ عناصر سنڌين جي اجتماعي سياسي شعور کان خوفزده ٿي انهن تي اعصابي ۽ نفسياتي جنگ مڙهيندا رهيا آهن ته جيئن ماڻهو ڪنهن نا انصافيءَ خلاف سوچي ٿي نه سگهن. اهي ڏاڙيلن جا ڪتڪ پيدا ڪري خوف جي ماحول ذريعي ماڻهن کي ذهني طور تي مفلوج ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل رهندا آهن. اهي سنڌي قوم کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ منظم رٿابنديءَ سان ڪئين ڏهاڪن کان سرگرم رهندا پيا اچن. هن پيري ڪوڏيجيءَ جي خاتون ’سيما‘ جي سنڌ کان نيپال رستي پاڙيسري ملڪ پهچي شادي ڪرڻ واري معاملي کي جواز بڻائي ڏاڙيلن ’پلاند‘ ۾ سنڌ جي هندن کي ڏمڪيون ڏيڻ جي وڊيو سوشل ميڊيا تي جاري ڪري چڏي آهي، جنهن ۾ اهي هٿيار ڏيکاريندي سنڌ ۾ رهندڙ هندن کي ڏمڪيون ڏيندي ڇٽي رهيا آهن ته اسان پنهنجي چوڪريءَ جو ’پلاند‘ ڪنداسين. جاري ٿيل وڊيو ۾ ’ڏاڙيلن‘ کي اهو چوندي ٻڌي سگهجي ٿو ته. ”اسان جي نياڻي واپس ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ اسان ڪشمور، جيڪب آباد، رتوديرو سوڌو جتي به هندو آهن، انهن خلاف قدم ’ڪنڌاسين“.

اهو سنڌ ۾ شديد بدانتظاميءَ جو نتيجو آهي، جنهن سبب ڏوهن جي اوسر کي نه صرف سازگار ماحول مليو آهي، گڏوگڏ ڪنهن نه ڪنهن سطح تي انتظامي سهولتڪاري به ٿي آهي. سنڌ جي اترئين ضلعن ۾ بدخواهه قوتن جي فتور جي فيڪٽرين ۾ تيار ٿيل ’مقامي پرائڊڪٽ‘ اهڙو ماحول جوڙيو آهي، جنهن ڪري ماڻهن کي اهو ويساهه ڪرڻ ۾ ڪاب ڏکيائي پيش نه پئي اچي ته رياست سنڌن ڪاب مدد نه ڪندي. قانون جي عملداري نه هجڻ سبب عوام جي تحفظ لاءِ ذميوار اداري پوليس جا اهلڪار پاڻ به اغوا پيا ٿين، جنهن ڪري ماڻهو رياست مان مايوس ٿي يا ته اغوا ٿيل پنهنجن پيارن کي ڀنگ ڀري پيا آزاد ڪرائين يا ڏاڙيلن کي نپائيندڙ جيڪي ڪَچي جا ”ڪِنگ“ آهن، انهن جي اڳيان اطاعت جو سيس نوائي پنهنجن پيارن کي پيا چڏائين. انهن کي قانون جو ڪو به ڈڻ، اوٽ ۽ اجهو حاصل نه آهي. هتي اڳ ۾ ئي مذهب جي جبري تبديليءَ جون دانهون ٿيندڙ رهيون آهن ۽ سنڌ جا هندو اغوائن ۽ ٻين مسئلن سبب ٻاڙيسري ملڪ ڏانهن لڏيندا رهيا آهن. هن پيري ته لڏ پلاڻ جو سلسلو وڌيڪ تيز ٿي ويو آهي. هاڻي جڏهن ڏاڙيلن جي چاٽايل وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي آهي ته ان سنڌ جي هندن ۾ خوف جو سونامي آئي چڏيو آهي. اهي پاڻ کي بيوس محسوس ڪري رهيا آهن. ان سان لڏ پلاڻ جو تسلسل تيز ٿيڻ جا امڪان وڌي ويا آهن. اهو معاملو ايترو سادو به ناهي، جيڪو صرف لڏ پلاڻ تائين محدود هجي، ان سان سنڌي قوم جي وجود واري معاملو واڳيل آهي. ان سان سنڌ جي اصلوڪن رهواسين جي تعداد ۾ جتي گهٽتائي ٿيندي، اتي ان ذهنيت جو به غلبو ٿيندو، جيڪا سهپ ۽ رواداريءَ کان واڪيجهي آهي. هڪ طرف گاديءَ واري شهر ڪراچيءَ ۾ غيرقانوني طور تي رهندڙن، آباديءَ جو توازن تبديل ڪري چڏيو آهي، مٿان وري اترئين ضلعن ۾ ڏاڙيلن به سنڌ جي اصلوڪن رهواسين جي لاءِ ڌرتي تنگ ڪري چڏي آهي. هنن حالتن ۾ انهن جي واهر ڪير ڪندو؟

سنڌي هندن ڪي سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيل وڊيو جي ذريعي ڏاڙيلن طرفان ڏنل ’پلاند‘ واري ڏمڪين تي سنڌ جي منتظمين کي ڳڻتي نه هجڻ به وڏي ڳڻتيءَ جي ڳالهه آهي. رهي ڳالهه سنڌ جي سياسي شعور ۽ ساڄهه جي ته انهن مان اڪثر دانا ته درٻارن جا ٻانها بڻيل آهن. باقي رهن ٿيون سنڌ دوستيءَ جون دعويدار سياسي جماعتون. ته انهن جي اڪثريت جو حيثيا پوئي ميڊيا تي پريس رليزن جي ذريعي آهي. اهڙي صورتحال ۾ سنڌ جو آواز ڪير بڻجندو؟ سوشل ميڊيائي برگيڊ ڪجهه ڏينهن لاءِ سرگرم ٿيندي ۽ پوءِ وري ڏڳهي خاموشي. هن وقت پريا ڪماريءَ سميت ڪجهه هندو نياڻيون به ڏاڙيلن وٽ يرغمال بڻيل آهن. ڏاڙيلن جي وڊيو وائرل ٿيڻ ڪانپوءِ انهن جي حياتين کي خطرا وڌي ويا آهن. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته وائرل ٿيل وڊيو جي حقيقت بابت جاچ ڪرائي وڃي، ڪَچي ۽ پڪي جي ڏاڙيلن، انهن جي سرڪاري سهولتڪارن خلاف سخت آپريشن ڪيو وڃي، پريا ڪماريءَ سميت سمورن مغوين کي آزاد ڪرايو وڃي، هي معاملو قومي وجود ۽ سنڌ جي مفادن جو آهي، ۽ سنڌ جا مفاد سڀ کان مقدم هجڻ گهرجن.

لهرون، پکي، ڪنارا ڳالهيون منهنجي ڳوٺ جون

ميرحسن آريسر

منهنجي ساروٽين جي پينگهي ۾ ستل ڊوري ناري جو صبح وارو دلفريب منظر شاخ واري مسجد کان شروع ٿي پراڻي پاور هائوس ۽ شام وارو منظر ٽرواهه جي ڦڙدي کان شروع ٿي ان ريلوي اسٽيشن تي ختم ٿيندو هو، جنهن کي منهنجو دوست بخشڻ مهراڻوي ’اجازت‘ فلم ۾ ڏيکاريل اسٽيشن سان مشابهت ڏيندو آهي. ان زماني ۾ سڌين ۽ ويڪرين گهٽين، وڏن وٺن، سهڻين صورتن ۽ صاف دل رهواسين وارو هي ننڍڙو شهر ڊوري ناري شاخ ۽ ميرپورخاص کان ڪوڪراپار ويندڙ ريل جي ننڍي پٽڙيءَ جي وچان پڪڙيل هوندو هو. شاخ واري مسجد جي اڳيان شاخ جي ڪپ تي لڳل مٽي پاڻيءَ جي نلڪي تي پيه ڪري بيٺل پاڻياريون. ان جي سامهون وڏن وٺن جي جهڳٽي ۾ قائم تنبيلي ۾ گهوڙن جون هٽڪارون. صديق پخاليءَ جي هوٽل واري چپري ۾ وڏيري گل محمد پلي مرحوم جي ميزبانيءَ ۾ متل ڪچهريون. ٽائون ڪميٽي ۾ سائينداد سميجي، بچل چوپاڻ، صديق ڪوري ۽ لطيف سائينءَ جي شاعريءَ جي عاشق شهزادي ڪوري جون چوياريون ۽ شهر جي مٽي پاڻيءَ واري اڪيلي کوه تي اڪرم پخالي ۽ ٻين جون هڪلون ۽ هوڪرا. ٽالهين ۽ برڙ جي وڏن وٺن جي ٿارين تي لاتيون لنوندڙ پکي ۽ وٺن جي چانوَ ۾ ٻڌل الستي قيصر جون ڪنديون مينهيون ڏينهن جي شروعات کي ”صبح بنارس“ بڻائي چڏيندڙيون هيون ۽ ساڳي طرح شام ويلي آمهون سامهون ايندڙ ريل گاڏين جي ڪراس لاءِ بيهڻ وقت ريلوي اسٽيشن جا منظر ڊوري ناري جي شام کي ”شامِ اودَ“ ۾ بدلائي چڏيندا هئا. گهڻو اڳ پڙهيل اردوءِ جي مشهور اديب سبطِ حسن جو شاهڪار ڪتاب ”شهرِ نگاران“ مونکي اڄ به انڪري ياد آهي، جو مونکي منهنجي ماضيءَ جو ڊورو نارو نٿو وسري. مظهر لغاريءَ جي هن نظر کان وڌيڪ منهنجي احساسن جي موثر ترجماني ممڪن ڪانهي ته:

بي چيا سڀ پٽ تنهنجا
بيوسيءَ جي بند جون باندي ڏيئون
ڪنهن پلا پيرو پڳو؟
جي چڏي ويا تن جو ڪنياتو پڳو؟
ننڍ ۾ تنهنجي هلڻ جو حال ڄاهي؟
ڏينهن چئو ڪهڙو آ اڄ ۽ سال ڄاهي؟
آئون هڪ مزدور ٽڪجي ڇُور ٿيس
۽ برابر آئون توکان دور ٿيس
ڪجه ته مونکي ماڻ ماريو
۽ مٽان تنهنجي چوڻ
”تون هونئن آهين هينئن آهين
هاڻ چئو تون ڪيئن آهين“؟

هاڻ گهوڙن جي تنبيلي کان پراڻي پاور هائوس جي پلات تي اڏيل نياڻيون جي اسڪول تائين شهر جي وچ مان وهندڙ شاخ ڪنهن بيواهجي سينڌ وانگر اٿيي ۽ اگهاڙي انڪري آهي. جو ٻڌل روايتن مطابق جمهوري دور جاري ٿيڻ شرط شاخ جا سمورا وڻ ڪامورن ڪرٽو ڪري چڏيا هئا ۽ جمهوري حسن جي ور چڙهي ويل ڊوري ناري جا فطري نظارا هاڻ رڳو ماضيءَ جي اهڙي مزار بڻجي ويا آهن، جنهن تي ڪوبه گل رکڻ يا ڏيئوپارڻ وارو ڪونهي:

بر مزارِ ما غريبا، نه چراغ نه گلا
نه پرِ پرواز سوزد نه صدا بلبلا

چهچ ساون وٺن ۾ ويڙهيل ڊوري ناري شاخ کان شروع ٿيندڙ شهر جي مکيه بازار ريلوي اسٽيشن واري ڪشادي ميدان اڳيان هڪبئي جي بلڪل آمهون سامهون قائم جمعي هاليپوٽي ۽ عارب ڪوري جي هوٽلن تي ختم ٿيندي هئي. ڊوري ناري جي مڪرانين ۾ شادي ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجي براديءَ کان الڳ ٿلڳ شهر ۾ گهر ناهي ويندل جمعون هاليپوٽو چا ته نفيس ۽ باذوق شخص هو! ڊگهي قد ۽ سنهي هاڻي ڪاڻي وارو جمعون هاليپوٽو روزاني صبح جو ڏرتل پوتل وڳي ۾ ملبوس ٿي، وڏيڪ تيل هنيل وارن ۾ آڏي سينڌ ڪڍي ۽ پيرن ۾ پاليش ٿيل ڪارو سينڊل پائي شهر کلڻ ڪانپوءِ پنهنجي ان هوٽل جي دخل تي اچي ويهندو هو، جيڪا سندس پائيتو مرحوم ياسين فجر ويلي کولي صفايون ۽ چٽڪارون ڪري چڏيندو هو. بنه باترتيب ۽ مختصر زندگي گذارينڊڙ جمعي هاليپوٽي جي هوٽل اڳيان وڏا اسپيڪر لڳل هوندا هئا، جن تي هن جي ويهڻ شرط قوالي ۽ قلندرجون ڏمالون وڄڻ شروع ٿيندڙيون هيون. منجهند ويلي فلمي گانن ۽ شام جو لتا، رفيع ۽ طلعت جي دردبلن گيتن سان سجو ماحول ڄڻ ته اباڻڪو ۽ اداس ٿي ويندو هو. سڄي شهر جو ماحول ان ڏينهن ڪيڏو نه سوڳوار ٿي ويو هو، جنهن ڏينهن ڪچڙي مجهند ويلي هوٽل تان اٿي هو گهر هليو ويو هو ۽ اڳين نماز جي ٻانگ ٻڌڻ کانپوءِ گهر ۾ هن پاڻ کي گولي هڻي آپگهات ڪري چڏيو هو. سڄي شهر ۾ برق رفتاريءَ سان ڦهلجي ويل ان خبر کانپوءِ شهر واسين شايد اهو سمجهيو هجي ته، مرحوم جمعون هر شام جو محمد رفيع جو اهو گانو وراڻي وراڻي چو پيو ٻڌندو هو ته زندگ نه وا ڀل سن.

تر دنا سه جو بهر گا

بهرحال ان وقت تائين جمعي هاليپوٽي ۽ عارب ڪوري جون ٻئي هوٽلون ڊوري ناري اسٽيشن تي بيهندڙ ستن ريل گاڏين جي مسافرن لاءِ فرحت بخش هنڌ هوندڙيون هيون. صبح جو سوير ڪوڪرا پار ڪان ميرپورخاص ڏانهن ويندڙ ريل مان لهندڙ مسافر ڊوري ناري جي وٺڻ واپار جو جيتوڻيڪ وڏو ذريعه هئا پر ميرپورخاص مان گهرايل ويندڙ ڏهين واري گاڏي جڏهن ٽر واهه وارو ڦڙڏو ٽپندي سيٽي وڄائيندي هئي ته ڪڇڙي منجهند جو اهو ويلو ڄڻ ته سڄي شهر کي ٽيشڻ جي طرف ڇڪيندو هو. شهر جا واپاري حيدرآباد ۽ ميرپورخاص مان گهرايل سامان لاهڻ لاءِ پليٽفارم تي ڊوڙون پيا پائيندا هئا، گهوڙڙيا هوڪا ڏيندي هيڏانهن هوڏانهن پيا پڇندا هئا، مسافر گاڏي ۾ لهڻ چڙهڻ لاءِ هڪبئي کي ٽونٽون پيا هڻندا هئا ۽ خاص ڳالهه ته هڪڙو باريش بزرگ نصير الدين بابر حيدرآباد مان آيل اخبارن جا الڳ الڳ سٽا پيو ناهيندو هو ۽ سندس نيڪ ۽ پرهيزگار پٽ نورالدين جهانگير اردوءِ واري کي اردو ۽ سنڌيءَ واري کي سنڌي اخبارون پيو وڪڻندو هو پر الف راهمون سدائين اردو اخبار ”امن“ انڪري وڻندو هو جو سندس چوياري رڳو ان ئي اخبار جون خبرون ٻڌڻ لاءِ واري واري سان ڏيڍ روپيو ڏيندي هئي. الف راهمي واري چوياري جو مڪيه رتن اهو مگ ماڇي هو. جيڪو تيز رنگ جي ڪپڙن تي ناسي رنگ جو پٽڪو ٻڌي ۽ هٿ ۾ لوهي مٺئي واري لٺ ڪٽي ٿيون ميل موريءَ کان پنڌو پنڌ سج اپرڻ شرط شهر جا هڪ به ڦيرا ڏئي اچي جمعي هاليپوٽي جي هوٽل تي تيستائين اڪيلو ويهندو هو. جيستائين مامي نور آريسر جي ڳوٺان احمد شفيائي پنهنجي اڪيلي ڪنڊي مينهن جو ڪير ڪٽي هوٽل تي پهچي. احمد ڪير جي ڏمڙي خالي ڪري اڃا ڪيمي ڪلال جي ماندٻٽيءَ تان پن جي ٻيڙين جي جهوڙي مس وڻندو هو ته ڳوٺ فضل چوپاڻ مان پنڌ ڪري پهچندڙ الف راهمون به اچي جلوه گر ٿيندو هو. جڏهن ته هن سنگت جو چوٿون يار سخي سولنگي ٿوري گهٽي فرق سان ان وقت اچي ڏاتو ملاح جي ڪپڙي واري دڪان تي جتي چنڊيندو هو، جڏهن ڏهين واري ريل گاڏي ٽر واهه جو ڦڙدو ٽپندي سيٽي هڻندي هئي. الف راهمون اخبار وٺي اچي ڪيمي ڪلال جي ماندٻٽيءَ واري ٿلهي تي ويهندو ئي مس هو ته چواري مجي ويندي هئي. اخبار پڙهڻ سان گڏ خبر جي وضاحت ڪرڻ جي ذميواري جيتوڻيڪ الف راهمي جي هئي پر پيپلز پارٽي جي طرفداري واري ڪنهن به خبر تي چارئي جڻا گڏوگڏ پيا اظهار خيال ڪندا هئا. احمد آريسر کي ضياءُ الحق تي چاڪاڻ ته ٻاهيون هونديون هيون، تنهنڪري ضياءَ جو نالو اچڻ تي احمد جوش ۾ اچي چوندو هو:

”انهيءَ کي غرق ڪندو غوث ملتان وارو“.

حالانڪ ملتان وارو سائين ان وقت پنجاب جو گورنر هو ۽ سنڌ ۾ 1983ع واري ايم آر ڊي تحريڪ جي باه اڃا ٺڏي نه ٿي هئي پر ڊوري ناري ۾ ايم آر ڊي تحريڪ جو اثر ظاهر ٿيڻو نه هو. جو هي علاڪتو فقيرن جي اثر هيٺ هو ۽ فقير جماعت ضياءُ سان گڏ بيٺل هئي. جڏهن ته علاڪتي جا تروٽي وڏيرا پنهنجي ابائي عادت مطابق هميشه جيان اقتداري چائنڻ کي چميون ڏيندڙ هئا. اهڙي اڪيلاڀ هوندي به پُٽي صاحب جا هي چارئي شيدائي پنهنجي ٻن ڪلاڪن جي اخباري نشست ڪانپوءِ پنهنجي تجزئي مطابق روزاني ضياءُ الحق جو تختو اونڌو ڪري، جتوئي صاحب کي عارضي ۽ بينظير صاحبه کي ملڪ جي مستقبل وزيراعظم بڻائي روانا ٿي ويندا هئا. پٽي ڏينهن وري ساڳي چوڪڙي، ساڳيو ڪيمي ڪلال جي ڪٽبن وارو ٿلهو ۽ ساڳيون امن اخبار جون خبرون. پُٽي صاحب سان پيار ڪندڙ انهن پوڙهن مان اڄ جيڪر ڪو هڪڙو به جيئرو هجي ها ته اٿون ان ڪان مظهر جو لکيل هي شاعراڻو سوال ضرور پڇان ها ته.

هو مجيري ڪو نه هو توکي قبول
هي وڏيرو ڪيئن آهي؟
تنهنجي گهوڙي ۽ وڇيرو ڪيئن آهي؟
گهر ڳهتي تنهنجيءَ جو گهيرو ڪيئن آهي؟
جيئن چڏيو هئر تيئن آهين؟
هاڻ چئو تون ڪيئن آهين؟

سياستدانن جيان ’نا اهل‘ ٿيل خيال

سيد عرفان علي شاهه

صوفِي سالم سي ويا، جي اَڪثر سين اَڏيارَ:
بازي بازِندنِ ڪي، آهي اَويسارَ:
پِريا سين پَهڪارَ رِندِيءَ رَساٽي ڪيا.

ڪافي عرصو اڳ مون ڪنهن مشهور تاريخدان جو هي قول پڙهيو هو ته، ”تاريخ جو مطلب آهي 90 (نوي) سيڪڙو ڪوڙ“. اها ڳالهه ان وقت سمجهه ۾ نه آئي، وقت گذرندو ويو. گهڻو ڪجهه پڙهندا وياسين، سکندا وياسين، اڳتي هلي خبر پئي ته جيڪو پڙهيو هو ان جو ڪجهه حصو ته ڪوڙ هو، باقي جي باري ۾ خبر ناهي ته اهو حقيقت آهي، پروپيگنڊا يا ڊس انفارميشن؟! جيترو پڙهندا وياسين، ذهن ۾ اوترا ئي سوال پيدا ٿيندا ويا. يوءِ ڪنهن ٻڌايو ته سوال ڪرڻ منع آهي ۽ گناهه به! نيٺ ٽڪجي خيال کي جهنگلي گهوڙي جيان چڏي ڏنو. جيڏانهن چاهي وڃي، جيڪو ڏسي، جيڪو سمجهي.

خيال روم پهتو سيزر کي ڏٺو. برونس کي سينيٽ ۾ سيزر کي چرو هڻندي ڏٺو خيال گرجا گهر پهتو اتي جنت جا سرٽيفڪيٽ ورهائجندي ڏٺا. خيال نادر شاهه جي دربار پهتو، اتي هن نادر کي پنهنجي پٽ جي اکين ۾ وگهريل لوهه ڳاري وجهندي ڏٺو. خيال چين، روس، ويهين صديءَ جي يورپ پهتو، هٽلر جي ملڪ جرمني پهتو يهوديين جو هولوڪاسٽ ٿيندي ڏٺو. ان وقت کي اڄ جي هولوڪاسٽ جي معلومات سان ملائي ڏٺو ته پروپيگنڊا وڌيڪ معلوم ٿيس. برصغير جي بنگال کان ٿيندو مياڻيءَ جنگ جي ميدان ۾ پهتو، ان کي تاريخ جي ڪتابن سان ملائي ڏٺو ته ڊس انفارميشن وڌيڪ ۽ سچ تمام گهٽ مليو. انهن سيني واقعن کي تاريخ جي ڪتابن ۾ گوليو ته تاريخدان جي ڳالهه به ڪوڙي نڪتي ته، ”تاريخ جو مطلب آهي 90 سيڪڙو ڪوڙ“. خيال ٻڌايو ته، ”تاريخ جو مطلب 99 سيڪڙو ڪوڙ“. مون ڪائنس پڇيو ته، ”ايئن ڪيئن؟“ جنهن تي هن چيو ته، ”ماڻهو ته ڪنهن به دور ۾ آزاد نه هئا، غلامن پنهنجي تاريخ لکي ٿي ناهي، حڪمران اڄ جيان قلم ۽ علم تي قابض رهيا“.

مونکي پنهنجي غلطي جو احساس ٿيو، خيال کي ايتري چوٽ نه ڏيڻ گهرجي ها، مون سڄي زندگي ڪتابن کي پنهنجي سيني سان لڳائي رکيو آهي ۽ هي چوي ٿو ته مون جيڪو ڪجهه پڙهيو، اهو ڪوڙ آهي! يعني مون ايتري زندگي بي مقصد گذاري ڇڏي! مونکي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي، مون ڪيس چيو ته غلطي ٿي وئي، جو مون توکي آزاد ڪري چڏيو، توکي قابو ڪري رکڻو هو. هن جواب ڏنو ته، ”يعني قيد مان ڪڍي اوهان مونکي نا اهل ڪري رهيا آهيو“. خبر ناهي ڪيئن منهنجي وات مان بي اختيار نڪري ويو ته، ”واقعي تون سياسي حڪمرانن جيان نا اهل هجڻ جي قابل آهين“. اها ڳالهه چو منهنجي وات مان نڪتي، سمجهه ۾ نه آيو شايد حالات جو ذهن تي اثر هو، جيڪو بي خياليءَ ۾ آئون اهو چئي ويس. يا ايئن چئون ته خيال اڄ منهنجي سامهون منهنجي خلاف بيٺو هو، منهنجو ذهن آٽوپائليٽ ڪم ڪري رهيو هو جيڪو ڪجهه ڏيکاريو پئي ويو يا جيڪو ڪجهه پڙهيو هو، خود بخود وات مان نڪري رهيو هو

خيال چيو ته، ”هلو اج ٿورو نا اهليءَ جي موضوع تي مقابلو ٿي وڃي، اوهان پنهنجي ڪتابن مان پڙهيل علم سان بحث ڪريو، آئون پنهنجي سفرمان سکيل علم سان بحث ڪريان ٿو“.

منهنجي انا کي ڏڪ رسيو، سڄي زندگي مون ڪتابن کي ڏني آهي ۽ هي مون سان بحث ڪندو، هن کي ٿوري آزادي به نه مون ڏني هئي، هاڻي هو مونسان مقابلو ڪندو! يقين خيال کي انسان جو غلام هجڻ گهرجي، غلامن کي آزادي ڏيڻ جو مطلب پنهنجي اثارٽي کي ختم ڪرڻ آهي. مون سان هاڻي آرٽيفيشل انٽيليجنس (اي آءِ) هو، پر سوال جو جواب خيال کان بنا ڏيئي ٿي سگهيو، هو سوال ڪندو ۽ اي آءِ پاڻ ئي جواب ڏيندو، مونکي ڪجهه ڪرڻ جي ضرورت ناهي. هن کي ڪهڙي خبر ته هن کان به وڌي شئي دنيا ۾ پيدا ٿي چڪي آهي. هن چيو ته، ”سوال پڇو!“ مون اي آءِ کي سوال ڪرڻ جو چيو اي آءِ چيو ته، آئون سوال نٿو ڪري سگهان. صرف جواب ڏئي سگهان ٿو. مونکي پهريون جهٽڪو اتي ٿي لڳو ته مطلب پڇڻ جي طاقت اي آءِ وٽ به ناهي. خيال چيو ته، ”چڏيوس، توهان اڄا سوال جي معراج تي ناهيو پهتا، آئون ٿي پڇي ٿو وٺان“. مون چيو: پڇو! هن پڇيو ته، ”معافي ڇا آهي؟ دين ۾ معافيءَ جي ايتري اهميت ڇو آهي؟“ مون اي آءِ کان پڇيو هن سوري ڪندي چيو ته آئون ان جو جواب نٿو ڏئي سگهان. آئو پائليٽ سان رابطو ڪيس. جنهن جواب ڏنو ته انسان کي اهڙي طرح ناهيو ويو آهي جو هو بار بار غلطيون ڪندو هي ان جي فطرت آهي، ان لاءِ معافي گهرڻ جو آپشن به رکيو ويو آهي. مطلب انسان هميشه صادق ۽ امين نٿو رهي سگهي، ڪڏهن به غلطي ڪري سگهي ٿو جنهن جو ازالو معافي جي صورت ۾ ڪري سگهجي ٿو. اي آءِ وري خاموش! هاڻي مون آٽوپائليٽ تي ٿي پروسيڪيو ۽ ان کي سڀ جواب ڏيڻ لاءِ چيو. هن چيو ته ها ايئن ٿي آهي. سوال آيو ته. ”آئين ۾ سياستدان لاءِ امين ۽ صادق هجڻ جو آرٽيڪل ڇو آهي؟“ جواب مليو: ”اهوان لاءِ جو هي ملڪ عام ماڻهن جو آهي، سياستدان انهن جا نمائندا آهن، ان لاءِ ڪين ايماندار هجڻ گهرجي. پر ڇا آئين اهو چوي ٿو ته ڪو قانون شريعت خلاف نه هوندو؟“ جواب مليو: ”جي بلڪل. ته پوءِ “ ڳالهه اڌ ۾ ڇڏيندي ٻيو سوال ڪيو ته، ”ڇا دين اهو نٿو چوي ته هڪ بي گناهه جو قتل پوري انسانيت جو قتل آهي؟“ جواب مليو: ”جي ها.“ وري سوال: ”ته هزارين ماڻهو هر سال بي گناهه هن ملڪ ۾ قتل ٿين ٿا، ان جي باري ۾ اوهان ڇا چوندا؟“ جواب مليو: ”اهو سڄو قصور ايوانن ۾ ويٺلن جو آهي، هي نا اهل سياستدان صرف پئسي جي لاءِ اچن ٿا.“ وري سوال: ”ته ڇا انهن وٽ اختيار به آهي؟“ جواب آيو: ”جي بلڪل.“ سوال ٿيو: ”اوهان ته سڄي زندگي ڪتابن کي ڏني آهي، اهو ٻڌايو ته منشيات کان ويندي آبديون سوياري تائين هر شئي اسان جي ملڪ جي نئين ڇوڪرن ۾ اوهان کي ملي ويندي، ان جي باري ۾ اوهان جو ڇا خيال آهي؟ سڀني جي پويان سياستدان آهن؟ جمهوري نظام ۾ اقتدار ۾ آڻڻ جي سياستدانن جو ڪهڙو ڪم آهي؟ قانون سازي ڪرڻ ۽ پاليسي ڏيڻ. ان کي لاڳو ڪرڻ جو ڪم؟ اهو بيورو ڪريسي جو آهي. ملڪ جي سرحدن جي حفاظت؟“ جواب آيو: سڀو سوال آهي، ٻيو سوال!“

”سياستدانن جي غلط ڪم کي روڪڻ جو ڪم ڪنهن جو آهي؟“

”عدالت جو.“

”ڇا سياستدانن کان علاوه باقي ادارن جي فيصلن تي ڪو نا اهل ٿيو آهي؟“

”خبر ناهي.“

”ڪنهن اداري جو سيڪشن آفيسر وڌيڪ ڄاڻي ٿو يا ان جو سيڪريٽري؟“

”ظاهر آهي سيڪشن آفيسر، سيڪريٽري نه تبديل ٿيندا رهن ٿا.“

”۽ سياستدان؟“

”اهي نه اچن ٿي پنج سالن لاءِ ٿا، ايترا نا اهل هجن ٿا جو ٻن تن سالن ۾ واپس هليا ٿا وڃن.“

”ڇا عوام ڪين واپس ڳهرائي وٺي ٿو؟“

جواب مليو: ”نه.“

”پوءِ؟“

”عوام جو ملڪ، عوام جا نمائندا، انهن کي نا اهل ڪير ڪري ٿو؟“

منهنجي ڪاوڙ هاڻي پنهنجي حد کي ڇهي رهي آهي، مون هن کي سوال ڪرڻ سيکاريو آهي، مون ٿي هن کي جنم ڏنو، مون هن کي ڪجهه وقت جو لاءِ آزادي ڏني، هاڻي هي منهنجي ئي ڪارٽيءَ کي چئلينج ڪري رهيو آهي! مون پنهنجي خيال کي ڳجهي‌ءَ مان جهلي واپس پنهنجي ذهن جي جيل خاني ۾ قيد ڪيو ۽ پوءِ تاريخ جي سنهري لفظن سان سائس مخاطب ٿيس:

”توکي ٿوري آزادي ڇا ڏني، تو انتشار پکيڙڻ شروع ڪري چڏيو. انگريزن صحيح چيو هو ته ٽين دنيا جا ماڻهو ايترا نا اهل آهن، جو هو پنهنجي ملڪ کي نٿا سنڀالي سگهن، ان لاءِ اڄ تائين اهي ئي سنڀالي رهيا آهن“.

”پر انگريز ته هليو ويو؟“ خيال مونکان پڇيو.

”چپ! تون هاڻي ڪو سوال نه ڪندين. هاڻي مونکي سمجهه اچي وئي آهي ته ڇڏيڪڏهن عوام کي هڪ حد کان وڌيڪ ڳالهائڻ جي آزادي ملي وڃي ته ملڪي سلامتي خطري ۾ پئجي سگهي ٿي، ان لاءِ انهن جي ذهني ۽ جسماني آزادي کي بابا ڊولي شاهه جي ڪوئن جي مٿي جيترو هجن گهرجي. ڇا اسان اهو ڪٽابت ناهي پڙهيو جنهن ۾ چيو ويو آهي ته روم کان وٺي يونان تائين بلڪ سڄي دنيا تي تلوار، سڪي ۽ عقيدي ملي حڪمراني ڪئي آهي؟ اها ئي هميشه جي حقيقت هئي ۽ هميشه رهندي، باقي اسٽيج تي ڊرامو ڪرڻ جي لاءِ ڪو به اڄي شاعر چوي ٿو ته،

عوام لاڪ چاهي توکيا وگا،
وهي وگا جو منظور . وگا.

اڄ ڪانپوءِ تون به سياستدانن جيان نااهل ٿي وئين.“

بقايا 01 ***

رخي مشڪلاتن ۽ مسئلن مان گذري رهي آهي سنڌ اسان جي ماءُ آهي ان جي اڄ اچ جي حفاظت ڪرڻ لاءِ هر قربانيءَ ڏيڻ لاءِ تيار آهيون. پريس ڪلب ٺٽو ۾ صحافين سان گڏاڻيندي هن چيو ته. پاڻي ڪينجهر ونڊ مان ڪراچي بحريا ٽائون کي پاڻي ڏيڻ جي ڳالهه ٿئي پر ٺٽي ۾ ٻوهاسي پيئڻ جي پاڻي لاءِ 100 ڏينهن کان احتجاج ڪري پاڻي جي گهر ڪري رهيا آهن سندن احتجاج جو ڪو به نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار نه آهي. ته ڏي وري ان جو داد فريياد ڪرڻ لاءِ ڪوئي تيار آهي هن چيو ته صاف پاڻي نه ڏيڻ ڪري هتان جا رهواسي مختلف بيمارين ۾ رڪوڙجي رهيا آهن جڏهن ته ٺٽي ۾ پاڻي جي ڪوٽ خلاف جسٽم پاران هتان جي شهرين سان گڏ جي لاڳو عمل جوڙي پاڻي جي فراهمي تائين بک هڙتال سان گڏ احتجاج ڪيا ويندا. هن چيو ته سنڌ آسان جي ڏرتي ماءُ آهي ۽ ان جي ڪراچي دل آهي هن چيو ته پاڻاهڪي نفرت پکيڙڻ لاءِ پنهنجا مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ کي ڏرتي ماءُ تسليم نه ڪرڻ جون ڳالهيون ڪن ٿا جڏهن ته اڪثريت اردو ڳالهائيندڙن جي انهن سان ناهي. هن چيو ته سنڌ ۽ سنڌ ايڪشن ڪميٽي اهي ۽ جيڪڏهن ڪو اتحاد ٿاهي ٿو ته ان جو ذميوار هو پاڻ آهي هن چيو ته سنڌ ايڪشن ڪميٽي بحال آهي ترت سنڌ ايڪشن ڪميٽي جو اجلاس گهرايو ويندو جڏهن ته سنڌ جلا محمود شاه سان ملاقات ٿي آهي ترت اجلاس سڏائي سنڌ جي برنڊڙ مسئلن سميت ڏاڍين آباڪاري جي نيڪالي لاءِ جدوجهد ڪئي ويندي ان موقعي تي سائس گڏ جسٽم راڻيس چيئرمين غلام سرور خشڪ، محمد علي شيخ ، بابو جان خشڪ ۽ بيا جسٽم اڳواڻ گڏ هئا. آن ڪان اڳ ۾ جسٽم چيئرمين صنعان خان لغي جي سينيئر صحافي نظر جاڪري سان والد جي وفات تي تعزيت پڻ ڪئي.

بقايا 02 ***

ٺهراءِ جي حمايت ۾ 28 ملڪن ووٽ ڏنو جڏهن ته ٺهراءِ جي 12 ميمبرن مخالفت ڪئي سلامتي ڪائونسل ۾ پاڪستان طرفان ٺهراءِ تي 7 ميمبرن ووٽنگ ۾ حصو نه ورتو آمريڪا ۽ يورپي يونين ۽ سلامتي ڪائونسل ۾ پاڪستان طرفان ٺهراءِ جي مخالفت ڪئي

بقايا 03 ***

جا مسئلا حل ڪري سگهڻ حڪومت کي مضبوط ڪرڻ جاهيون ٿا ۽ سڀ گڏجي ڪم ڪندڙ ته شهر ترقي ڪندو. هن اها ڳالهه ڪراچي جي ايڊيٽاي نمائندن، ميئرز ۽ ٽائون چيئرمين سان ملاقات ڪري خطاب ڪندي چئي سنڌ جي وڏي وزير سمورن بلڊياتي نمائندن جي مهمان نوازي چاهه. سڪيٽ، پڪوراڻ، ڏهي ڀڙا ۽ جلبيءَ سان ڪئي. ان موقعي تي ڪي آيم سي جي ميئر مرتضيٰ وهاب، ڊپٽي ميئر سلمان مراد ۽ ٽائون چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين سان گڏ ضلع ڏکڻ ٽائون مان 2، اولهه ٽائون مان 5، ڪيماڙي مان 3، ملير 3، سينٽرل 5، اوڀر 5 ۽ ڪورنگي ٽائون مان 4 شهرن جي نمائندن شرڪت ڪئي. اجلاس جي شروعات ۾ سنڌ جي

بقايا | سنڌيار | 01

آور جي ماڻهن پوليس جي موجودگي ۾ حملو ڪري غازي عباس جي علم پاڪ جي بيحرمتي ڪئي ۽ لنگر حسيني جي برتنن کي ڏنڊن سان ڇڪي ڇڏيو. اوپاروڙ اهڙي عمل بعد اهل تشيع ۾ ڪاوڙ جي لهر چائتجي وئي. جوابدار پوليس جي موجودگي ۾ پنج ڏاڪ ڪري آساني سان فرار ٿي ويا اوپاروڙ اهڙي اطلاع بعد اهل تشيع جا هزارين ماڻهون موقعي تي پهچي ويا. جنهن بعد اوپاروڙ پوليس بنهي پاسي ڪنٽرول ڪري جهيڙي تي ضابطو آندو اوپاروڙ. ضابطي کان پوءِ چوڪماڙي مين چوڪ وٽ اهل تشيع طرفان روڊ بلاڪ ڪئي وئي. جنهن بعد ڊي ايس پي، ۽ ايس ايچ او اوپاروڙ، طرفان اهل تشيع سان گاڏهيون ڪامياب ٿيئڻ بعد حملو ڪندڙ ڏنڌا بردار ماڻهن خلاف اوپاروڙ ٿاني تي 15 ڇڦا سجاتل ۽ 200 انسجاتل مقان ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

بقايا | سنڌيار | 02

سطح تي فعال ڪري پوليس گردي سميت صحافين سان ٿيندڙ ناانصافين خلاف مرحلي وار تحريڪ هلائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. اُن سلسلي ۾ نيشنل پريس ڪلب ٺٽو جي صدر سينيئر صحافي محبوب بروهي جي صدارت هيٺ مختلف پريس ڪلبن جي صحافين جو ميوڙاڪو ۽ اجلاس نيشنل پريس ڪلب ٺٽو ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ ٺٽو، مڪلي، گهارو، گجو، ڏاهيجي، جنگشاهي، جهمپير، جهرڪ، ور غلام الله، ميرپور ساڪرو، ٻهارا ۽ ڪيٽي بندر جي صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ور پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري امير شاه پاڏائي کي گهوڙاٻاري جي ايس ايچ او مختيار ڪلهوڙو پاران ڪنيي گرفتار ڪرڻ بعد تشدد ڪري ڪرڙي ڪيس ۾ قاسائڻ توڙي ضلعي ٺٽي ۾ صحافين خلاف پوليس ڪارروايون تي سخت ڳڻتي ظاهر ڪندي پوليس جي اهڙي عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي وئي ۽ واضح ڪيو ويو ته صحافين خلاف پوليس گردي پنهان ضلعي جي پوليس ڪماني يعني ايس ايس پي ٺٽو جو سنئون سڌو هٿ به شامل آهي ان موقعي تي گڏيل طور تي قرارداد منظور ڪندي گهوڙاٻاري ٿاني جي ايس ايچ او مختيار ڪلهوڙو کي فوري طور ضلعي بدر ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو ۽ چيو ويو ته مختيار ڪلهوڙو لاڙڪاڻي جي هڪ بيگناه شهري محسن شاه جي قتل ڪيس جو جوابدار نامزد ٿيل آهي جنهن جو ڪيس ٽرائل ڪورٽ ۾ هلندڙ آهي ضمانت رهندڙ اهڙي صوبيدار مختيار ڪلهوڙو کي گهوڙاٻاري ٿاني جو ايس ايچ او مقرر ڪرڻ غير قانوني قدم آهي اجلاس ۾ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سڪر ۾ ڪامريڊ ڪيو ويو ته مختيار ڪلهوڙو لاڙڪاڻي جي هڪ بيگناه شهري محسن شاه جي قتل ڪيس جو جوابدار نامزد ٿيل آهي جنهن جو ڪيس ٽرائل ڪورٽ ۾ هلندڙ آهي ضمانت رهندڙ اهڙي صوبيدار مختيار ڪلهوڙو کي گهوڙاٻاري ٿاني جو ايس ايچ او مقرر ڪرڻ غير قانوني قدم آهي اجلاس ۾ ڊسٽرڪٽ جرنلسٽ فورم ٺٽو کي ضلعي سطح تي ٻيهر صحافين جي مضبوط تنظيم طور بحال ڪري ان جي ڪميٽي تشڪيل ڏني وئي جنهن ۾ محبوب بروهي، محمد ميمڻ، ممتاز سميجو جاويد ميمڻ ڊائم شاه رشيد پنهور قادر پنهور خالد عزيز جتوئي مختيار لاشاري بشار سنڌي امير شاه پاڏائي عبدالرزاق ڪلمتي قادر مولييوٽو عبدالرئوف بروهي عبدالرحيم جوڪيو عبدالعزيز سومرو آدم جانيارو علي رضا وٺجارو مرتضيٰ سومرو پيرل پياسي شهزاد ملاح شير علي شاه حيدر پٽي سيف الملوڪ شاه شريف رند خدا ڏنو پالاري نظر پالاري بلاول سمون اي بي شورو حبيب الله ميمڻ ۽ گل محمد سومرو کي ڪميٽي ۾ شامل ڪيو ويو

بقايا | سنڌيار | 03

شهرين الهبخش جسڪاڻي، لقمان چانڊيو، سلطان جسڪاڻي ۽ ٻين پاران ٿئون ڪورٽ جهڏو روڊ تي ٿئونڪوٽ ٻاهر، پاس وٽ ڌڙئو هٽي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو. روڊ بلاڪ سبب ٽن ضلعن جي ٽريفڪ معطل ٿي وئي. جنهن جي ڪري ملي ڪان ميرپورخاص، حيدرآباد ڪراچي ايندڙ ويندڙ سوين گاڏيون بيهجي ويون . شهرين چيو ته ٿئون ڪورٽ ۾ بدامني جي باه پڙڪيل آهي چورن کي پوليس وڏيرن جي ونگاري ٻڌيل آهي چورن کي چوٽ ڏني وئي آهي ته جيئن هتان جو امن خراب ٿئي هتي پوليس جي سرپرستي ۾ منشيات جي سرعام وڪري سبب چوري جون واردانون وڏي ويون آهن جنهن تي ڪنٽرول نه پيو ڪيو وڃي هن چيو ته ٿئون ڪورٽ ۾ گذريل ٽن مهينن دوران 20 ڪان وڌيڪ موٽر سائيڪل چوري ٿيڻ سان گڏ هڪ ٽريڪٽر ٽرالي سميت پيون ڪيترين ئي چوريون ٿيون آهن. ٿئون ڪورٽ پوليس چورن جي سهوليتڪار ٻڌيل آهي جنهن جي ڪري انهن خلاف ڪا به ڪارروائي نٿي ڪري اسان چورن خلاف پوليس اسٽيشن تي وڃون ٿا ته اتي اسان کي چوڪيدار رکڻ لاءِ چيو ٿو ۽ چورن خلاف ڪا به ڪارروائي نه ڪئي وڃي ٿي . هنن چيو ته ٿئون ڪورٽ پوليس جي سرپرستي ۾ منشيات جا سرعام اڏا هلندڙ آهن. نشو واهراڻيندڙ ماڻهو پارڙن جي چيڙاڻ ڪري انهن جي تنگ ڪرڻ روز جو معمول بڻجي ويو آهي جنهن جي ڪري گذريل رات ٿئون ڪورٽ کان گهر موٽندڙ هڪ ٽينگر کي نشي ۾ ڌت جوابدار پاران ڀڪڙي زيادتي جي ڪوشش ڪئي وئي جنهن کي علاقي ماڻهن جي ڪري گرفتار نه پئي ڪري. آءُ جي سنڌ دي آءُ جي ميرپورخاص ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص کان مطالبو ڪيو ته ايس ايچ او ٿئون ڪورٽ کي هٽايو وڃي ۽ پوليس کي پابند ڪيو وڃي ته هو چورن خلاف اثراڻتي ڪاروائي ڪري بدامني ۽ منشيات جي جو خاتمو آڻي سگهي

بقايا | سنڌيار | 04

چاهيتي حڪمران مهانگائي تي ضابطو آڻڻ بجاءِ ڪرسي بچائڻ ۾ مصروف آهن پاڪستان سني تحريڪ عوامي جدوجهد کان پوئتي نه هٽندي اهڙن خيالن جو اظهار هن يوسي جيئي شاهه ٿاڻن ۾ اليڪشن جي تيارين جي سلسلي ۾ منعقد ڪيل ڪارنر ميٽنگ کي خطاب ڪندي ڪيو پاڪستان سني تحريڪ سنڌ جي صدر مولانا نور احمد قاسمي وڌيڪ چيو ته حڪومت جي عوام دشمن فيصلن خلاف اسان عوام سان گڏ آهيون. موجوده حڪومت مهانگائي تي ضابطو آڻڻ لاءِ پنهنجا سموريا وسيلا استعمال ڪري. ملڪ اندر عوام کي وڏ کان وڏ رليف فراهم ڪيو وڃي ته جيئن عوام کي درپيش مسئلن مان نجات ملي سگهي. هن چيو ته اليڪشن ۾ پاڪستان سني تحريڪ سڄي ملڪ خاص ڪري سنڌ مان اميدوار بيهاريندي ۽ اسان جا اميدوار عوام جي طاقت سان ڪامياب ٿيندا.

بقايا | سنڌيار | 05

هو نوراني سرڪار جي زيارت ڪري بلوچستان کان اچي رهيو هو ته منگهوپير ريجهر پوليس فائرنگ ڪري ماري ڇڏيو ڪراچي منگهوپير واري علاقي ۾ پوليس جي مبينا فائرنگ ۾ مارجي ويل نوجوان هاشم مگسي جي واقعي جو ايڊيشنل آءُ جي جاويد عالم اوڊو نوٽيس ونندي رپورٽ طلب ڪري ورتي. ڪراچي پوليس واقعي جي شفاف جاچ جو حڪم ڏيندي ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري سندن خلاف قانوني ڪارروائي جي هدايت پڻ ڪئي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته اي وي ايل سي ڪراچي منگهوپير جي حد ۾ فائرنگ ڪري نوجوان هاشم مگسي کي قتل ڪيو واقعي بعد هو فرار ٿي ويا هاشم مگسي رمضان شريف ۾ دبئي کان ڪراچي شادي ڪرڻ لاءِ پهتو هو هن جي قرباني واري عيد کان ڪجهه ڏينهن پهرين شادي به ٿي اجا هٿن جي ميندي به نه لٿي ته پوليس جي مبينا فائرنگ ۾ ڪيس ماريو ويو هو نوراني سرڪار جي زيارت بعد بلوچستان کان اچي رهيو هو ته منگهوپير ريجهر پوليس گوليون جو ڪاج بڻائي قتل ڪري ڇڏيو هنن مطالبو ڪيو ته واقعي جي شفاف نموني جاچ ڪرائي ملوث عنصرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 06

ڏانهن روانو ڪرڻ باوجود بدين ضلع ۾ پاڻي جي ڪوٽ خلاف آبادگارن جو ميجر عمر فاروق جي اڳواڻي ۾ احتجاجي اجلاس ڪوٺايو ويو جنهن ۾ اڳواڻي ضلع نائب ناظر عزيز ڏيرو ميمبر ضلع ڪائونسل بشير احمد نوتڪاڻي عبدالشڪور ميمڻ عبدالغفور جانڊيو سيد ظفر علي شاه عبدالحفيظ ميمڻ علي رضا شاه شاهد راهمون محمد علي دل شاهد علي جمالي لالا نواز شيخ خالد ڏنو شاهه ۽ ٻين آبادگارن شرڪت ڪئي جنهن ۾ بدين پاڻي ايڪشن فورم قائم ڪيو ويو خميس ڏينهن اچ فورم طرفان پريس ڪانفرنس زريعي مرحليوار جدوجهد جو اعلان ڪيو ويندو هن موقعي تي اڳواڻن چيو ته بدين جي اڪرم واه ڊويزن جي ٽن سب ڊويزنن قاضيا ڪينڊ ۽ شادي سب ڊويزنن سميت علي پور جي ميرواه ۽ مورجهر ۾ پاڻي جو بدترين بحران جاري آهي پر چونڊيل نمائندن هن ڏس ۾ ڪو تحرڪ نه ورتو آهي هنن چيف آف آرمي اسٽاف جنرل آفيسر ڪمانڊنگ کي اپيل ڪئي ته هن وقت جڏهن ڪوٽڙي بڙاج جي ڏاڻن استريم ۾ پاڻي ڇڏيو ويو آهي ان وقت به بدين جي عوام کي پياسو مارن ۽ زراعت کي تباه ڪيو پيو رجي 12 جولائي گذرڻ باوجود خريف جي فصل لاءِ پاڻي نه ڏيڻ عوام ۽ ملڪ سان دشمني آهي جنهن جو فورن نوٽيس وٺي پاڻي فراهم ڪري آبادگارن ۽ عوام مان بي چيني کي ختم ڪيو وڃي

بقايا | سنڌيار | 07

شرڪت ڪئي مرحوم کي سرحد باه پاس ويجهر اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن ته صحافي حاڪر ابڙو شفيع محمد ابڙو ۽ ٻين سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي سندس ننڍي ٽي لڪڻ برادري جي چڱي مڙس چام دلاور لڪڻ الطاف خان ابڙو سيد شفقت بخاري سيد عابد علي شاه بخاري ايس ايچ او هاشم هڪڙو سپريم ڪورٽ جي سينيئر وڪيل عبيدالله گهوٽو پي پي ايچ اُٽي جي گهوٽڪي جي ڊي ايم ريٽائرڊ ڪرنل سراج الدين چنڊ ڏهرڪي ميرپور جرواز گهوٽڪي سرحد جي صحافين حاجي محمد مهر بابر مهر عطا حسين سومرو راٺا راحت ۽ مولا بخش ملڪ پاران تعزيت ڪئي وئي لاڙڪاڻو ۽ مختلف شهرن جي ابڙا برادري پهچي وارثن سان تعزيت ڪئي.

بقايا | سنڌيار | 08

۽ اسٽريٽ لائيٽس جا انتظام بهتر بڻايا وڃن ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سڪر ۾ سيل قائم ڪرڻ جو پڻ اعلان ڪيو ضلعي اندر محرم الحرام جي انتظامن جي سلسلي ۾ اعليٰ سطحي اجلاس ڊپٽي ڪمشنر آفيس جي ڪانفرنس روم ۾ ٿيو. جنهن ۾ ڊپٽي ميئر سڪر ارشد مغل، چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سڪر سيد ڪميل حيدر شاهه . رينجرز ، پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي آفيسرن سميت روينيو، صحت، مڪاني ادارن، سول ڊفينس، 1122 جي اسٽيشن مينيجر ۽ ٻين لاڳاپيل ڪاتن جي عملدارن توڙي علماءِ ڪرام وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي علماءِ ڪرام پنهنجي عالڪن ۾ ٿيندڙ جلوا بيان ڪيا. چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سڪر، ڊپٽي ميئر سڪر ۽ ڊپٽي ڪمشنر سڪر ڊاڪٽر شهزاد طاهر ٿهيم اعليٰ سطحي اجلاس ۾ گالهائيندي چيو ته محرم الحرام حرمت وارو مهينو آهي جنهن ۾ سهب، پائڻجاري، امن محبت سان شهيدن کي خراج پيش ڪرڻ لاءِ بنا ڪنهن فرق جي سهڪار ڪرڻو پوندو. جڏهن ته ايتون ڏنيون ويون آهن ضلعي انتظاميه سڪر پاران محرم الحرام دوران سڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪيا ويندا. پوليس سان گڏوگڏ رينجرز پڻ سڪيورٽي تي مقرر هوندي ان سلسلي ۾ ڊي سي آفيس اندر ڪنٽرول روم قائم ڪرڻ جو پڻ اعلان ڪيو جتي سمورن ڪاتن جو هڪ هڪ عملدار جي موجودگي جي پڻ هدايت ڪئيلس ۽ جلوسن جي روٽس تي صفائي سترائي ۽ روشني جا انتظام بهتر ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو ته جلوسن جي نگرانڻ ڪئي ويندي، هن چيو ته شڪي ماڻهن تي ڪڙي نظر رکي وڃي ان سلسلي ۾ مجلسن ۽ جلوسن جي منتظمين توڙي آفيسرن جو سهڪار ضروري آهي. هن چيو ته هر تعلقي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ميونسپل آفيسرن ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن سان گڏجي علاقن جو دورو ڪري سهولتن جو جائزو رنندا. ڊي سي سڪر ڊاڪٽر شهزاد طاهر ٿهيم صحت ڪاتي جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته محرم الحرام جي ڏاهاڪي دوران سمورين اسپتالن ۾ عملي، ايمبولينسز ۽ دوائن جي دستيابي يقيني بڻائي وڃي. جڏهن ته ماتمي جلوسن سان گڏ طبي ڪيمپون قائم ڪيون وڃن. هن وڌيڪ چيو ته محرم الحرام ڪان اڳ سموريا ضروري ڪم مڪمل ڪيا ويندا. ان موقعي تي ڊي سي سڪر چيو ته پوليس پاران محرم الحرام جي سلسلي ۾ ڪانٽيجنسي پلان جوڙيو وڃي جنهن تحت سنيپ چيڪنگ وڌائي وڃي، جڏهن ته ريپڊ ريسپانس ٽيمون پڻ جوڙيون ويون آهن.

بقايا | سنڌيار | 09

ڪي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان چيو ته محرم الحرام دوران ضلعي ۾ امن، اتحاد ۽ پائيجاري جي فضا قائم رکڻ لاءِ مؤثر مڪتب فڪر سان واسطو رکندڙ علماءِ ڪرام ۽ مذهبي اڳواڻن پنهنجو پرهيز ڪردار ادا ڪندي امام بارگاهن، مسجدن سميت عبادت گاهن ۽ منعقد ٿيندڙ مجالس جي پروگرامن ۾ شر انگيز يا ڪنهن جي به دل آزاري ڪرڻ وارين تقريرن ڪرڻ کان پاسو ڪن ٿجئين محرم الحرام جا ڏاڙا پرامن طريقي سان ملهايا سگهن . هن وڌيڪ چيو ته محرم الحرام دوران ضلع اندر امن امان واري صورتحال جي انتظامن جي نگرانڻ لاءِ ضلع سطح تي هڪ واٽس اپ گروپ ٺاهيو ويندو ته جيئن هڪ ٻئي سان رابطي ۾ رهي درپيش مسئلن کي فوري حل ڪري سگهجي . ڊپٽي ڪمشنر پاران صحت ڪاتي ۽ ٻي ٻي ايچ اُٽي جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته هو عاشوري دوران سمورين اسپتالن، صحت جي مرڪزن ۽ ماتمي جلوسن سان گڏ تمام گهربل دوائون، ڊاڪٽرز ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف سميت ايمبولينسزجي دستيابي کي پڻ يقيني بڻائين. هن سمورن تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرن کي هدايت ڪئي ته اهي تمام عالم سڪورن سان باهمي رابطي ۾ رهي امن امان ۽ ٻين انتظامن کي يقيني بڻائڻ لاءِ سائن گڏجائيون ڪرڻ سان گڏوگڏ ماتمي جلوسن جي رستن جا دورا ڪن. هن حيسڪو عملدارن کي هدايت ڪئي ته هو عاشوري دوران ڏڳهي لوڊشيڊنگ کان پاسو ڪندي اهڙو شيڊيول ترتيب ڏين ٿجئين شام ۽ رات جي وقت بجلي جي فراهمي جاري رکي سگهجي . جنهن تي حيسڪو عملدارن پاران شام 6 بجه کان رات هڪ لڳي تائين لوڊ شيڊنگ نه ڪرڻ جي يقين دهاني پڻ ڪرائي ڊپٽي ڪمشنر ميونسپل ۽ سمورن تائون آفيسرن کي سختي سان هدايت ڪئي ته محرم الحرام کان اڳ شهر جي سمورن روڊ رستن سميت مسجدن، امام بارگاهن جي آسپاس ۽ جلوسن جي گذرگاهن وارن علاقن جي صفائي سترائي واري صورتحال کي بهتر بنائڻ سميت روشني جا جوڳا انتظام پڻ ڪيا وڃن. ان موقعي تي رينجرز جي ڊي ايس آر نثار احمد چيو ته محرام الحرام دوران امن امان جي صورتحال برقرار رکڻ لاءِ هڪ جامع ڪانٽجنسي پلان جوڙيو ويو آهي ۽ امن امان ۾ خلل وجهندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي اجلاس ۾ ٽنهي تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرن، پوليس، تعليم، صحت، پبلڪ هيلٿ، ميونسپل ۽ تائون آفيسرن کان علاوه مختلف مڪتب فڪر سان تعلق رکندڙ عالمن، مذهبي اڳواڻن ۽ لاڳاپيل ڪاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا | سنڌيار | 10

ڪنڊي چيو ته پاڪ فوج ملڪ جو مضبوط پاسو آهي، جنهن کي دشمن ملڪ ڪجه به ڪري نٿا سگهن. هنن چيو ته اسانجي پاڪ فوج جا جوان پنهنجي ملڪ جي حفاظت ڪندي جانيون قربان ڪري رهيا آهن. جن جا والدين جس لهڻن ٿا. اسان 9 مئي واري واقعي جي شهيدن کي خراج تحسين پيش ڪندي اهو فخر محسوس ڪريون ٿا ته اسانجي فوج پوري دنيا جي مڃيل ترين فوج آهي. جنهن تي اسان جيترو به فخر ڪريون اهو گهٽ آهي. هنن چيو ته اسان پنهنجي ملڪ جي فوج سان هر قدم تي ڏڻ آهيون. جڏهن به سڌ ٿيو ته اسان به پنهنجي فوج سان گڏ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي دشمن کي منهن توڙ جواب ڏينداسين. پر پنهنجي فوج خلاف ڪاه اڃائي واويلا برداشت نه ڪنداسين. هنن پاڪ فوج جي حق ۾ پڻ نعريبازي ڪندي پاڪ فوج زنده باد جا زوردار نعرا هنيا. ريلي ۾ شهرين به وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري يڪجهتي جو اظهار ڪيو

بقايا | سنڌيار | 11

ريٽ مقرر ڪري ڇڏيا. رپورٽ موجب سحاول ضلع جي ڏڙو ۽ ٻنوں فاريسٽ رينج جي ڪڏي، مولجند، جراڻ، فتح پور، پناه، هديراڻي، ڪيرسر سميت ٻين پيلن جون هزارين ايڪڙ نياب سرڪاري زمينون پيلي ڪاتي جي عملي طرفان بااثر ماڻهن کي پڪڙن مٽ تي ڏنيون ويون آهن. قبضاگيرن پيلي جي زمينن تي قبضو ڪرڻ بعد مڪئي، ساريون، ڪمند، سرهه، سبزي ۽ ٻيا فصل بوڪي چڏيا آهن. جنهن مان اهي ڪروڙين روپين جي آبٽ ڪني رهيا آهن. رپورٽ موجب سنڌو درياهه جي ٻنهي ڪنارن تي ڪچي جي زمينن تي بااثر ماڻهن طرفان قائم ڪيل اهڙا ڪروڙ سارا فارم ملندا. جيڪي پيلي ڪاتي جي عملي بااثر رڌين کي ياري باشي ۽ ڳرين رشوتن جي بنياد تي ڏٺي زمينن جي سار سنڀال لاءِ اتي هاري ناري ۽ هٿياربند ويهاري ڇڏيا آهن. اعتماد جوڳن ذريعن موجب ڪچي جي زمينن کي تين وال ڪرڻ واري ڪم ۾ پيلي ڪاتي جي راشي عملي سان گڏوگڏ مقامي پوليس پڻ پاڳي پائيوار ٻڌيل آهي. سجاول ضلعي جي مختلف شعور رکندڙ منظور ميمڻ، شاهنواز سومرو، غلام مصطفي، نواز ميمڻ ۽ ٻين حڪومت سنڌ ۽ ملڪ جي اعليٰ ادارن کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي اعليٰ عدالتي حڪمن تي عمل ڪرائي پيلن جي زمينن تان قبضا خالي ڪرايا وڃن.

بقايا | سنڌيار | 12

مان چور با آساني سان ڪاهي ويا. اي سيڪشن ٿاني جي حد لاتج موڙ چوڪي تي(اين سي) ڪتي ڪري تنڦيشي جو عمل شروع ڪري ڇڏيو. سڪر مان گذريل هڪ هفتي دوران 17 موٽر سائيڪلون ۽ روڪ رقم 30 لک ڦرٿيڻ جا واقع پيش. سڪر ۽ آئي روز شهر جي مختلف علائقن مان ڏوجوري، ڦر، اسٽريٽ ڪرائيم جون وارداتون ڏيٺهن به ڏينهنو وڌندو پيو وڃي. پوليس آفيسر وڏيرن، پهوٽارن، جاگيردائن ۽ سياسي شخصيت کان واندا ٿين ته شهرين جي تحفظ سوچ ويچار ڪرين. هن ملڪ ۾ پوليس تمام ڪمزور واري صورتحال آهي انهن سي ايس ۽ ڪميشن پاس هولدر آفسرن کي ايماندار بهائي چاري جي ڀاسداري ۽ اسولن تي هلن ته ملڪ کي ترقياتي ملڪن ۾ شمار ٿيڻ لاءِ ڪوشش ڪري سگهن.

بقايا | سنڌيار | 13

گڊو پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي ڪشمور جي ڊاڪٽرن، مشتاق احمد سومرو، ڊاڪٽر عبدالحئي ڪوسو، ڊاڪٽر جمع مزاري ڊاڪٽر، سياڻ لنڊ ڊاڪٽر گلزار جڪراڻي، ۽ ٻين ميڊيا آڏو دانهنبندي چيو ته گذريل رات گڊو روڊ تي قائم خانگي اسپتال مان هٿيار جي زور تي ايم ايس گڊو واهڙا اسپتال منير احمد نائچ کي موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن سندس مڪاني ڊرائيور کي حملو ڪري ڊاڪٽر منير نائچ کي اغوا ڪري ڪٽي ويا آهن پوليس جي ناقص ڪارڪردگي سبب اسپتال جا ڊاڪٽرز ۽ عام شهري غير محفوظ ٿاهن ڪشمور جي ڊاڪٽرن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي لاڙڪاڻو کان مطالبو ڪيو ته مفوي ٻڌيل ڊاڪٽر منير نائچ کي بازياب ڪرايو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 14

فياض احمد . رينواز جڪاڻي خلاف شائٽ بلوچ جن وٽ سڪر ۽ دانهين تي پهتا . نياڻي ڪنول روئي دانهون ڪيون ته برادريءَ جا ٻا اثر ۽ بليڪ ميلر يونيورسٽي وچ ٿڌا ڏين . رستا روڪ ۽ حراسمينٽ ڪن ٿا . منهنجي مڻان تيزاب گذرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي اٿئون . ڪنول جي والد پڻ نياڻيءَجي عزت ۽ جان کي خطرو جاڻايو . هنن اعلاڪٽيارين ۽ لاڳاپيل ادارن . ايس ايس پي خيرپور . ڊي آءُ جي سڪر ۽ آءُ جي سنڌ کان جوابدارن جي گرفتاريءَ سميت تحفظ . انصاف ۽ تعليم جي گهر ڪئي.

بقايا | سنڌيار | 15

منهنجو آرڊر رد ڪيو ته مون سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل ڪئي سنڌ هاءِ ڪورٽ گذريل سال جي اپريل مهيني ۾ منهنجي حق ۾ فيصلو ڏيندي منهنجو آرڊر بحال ڪيو ۽ ڊي ايچ او ميرپورخاص کي مونکي جوائننگ آرڊر ڏيڻ جو حڪم ڏنو جنهن بعد اٿون جوائننگ آرڊر رٿڻ لاءِ ڊي ايچ او آفيس ميرپورخاص ويس ته ڊي ايچ او آرڊر ڏيڻ جا ڪوڙا آسرا ڏئي مونکي پندرهن مهينن کان بار بار آفيس جا چڪر ڪٽائي پيو مونکي ڪو به آرڊر نٿو ڏنو وڃي هن چيو ته ڊي ايچ او ميرپورخاص عدالتي حڪم مڃڻ لاءِ تيار نه آهي اٿون انتهائي غريب ماڻهو آهيان بار بار ميرپورخاص جا پاڙا ڀري آفيسن جا چڪر ڪاٽي ڪاٽي سخت پريشان ٿي ويو آهيان هن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس ۽ صحت ڪاتي جي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي جوائننگ آرڊر ڏئي پريشاني کان بچايو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 16

ٽيٽر جو انعقاد ڪيو ويو جنهن ۾ ڊرامن ٽيبلوز ذريعي سچائي ڏني وئي پروگرام ۾ ڊسٽرڪٽ يونيسيف پاران پارن جي حقن جي لاءِ مقرر آفيسر ميڊم سدرت شفا فائونڊيشن جي ڪوآرڊينيٽر عائشه تيسر سرڪاري ۽ سماجي ادارن جي آفيسرن توڙي پارن ۽ والدين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ڊرامن جي مشهور اداڪار ذوالفقار بڙدي ۽ سندس ٽيم پاران جبري ۽ نندي عمر ۾ پارن جي شادي جي حوالي سان ڊرامو پيش ڪيو ويو آهي موقعي تي ڳالهائيندي شفا فائونڊيشن جي ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر عائشه تيسر چيو ته نندي عمر ۾ پارن جي شادي جي مسئلا پيدا ٿيندا آهن چوڪري پنهنجي ذميداري پوري ڪرڻ ڪان مڪمل نندي هوندي آهي جنهن سبب ڪئي مسئلا پيدا ٿيندا آهن پارن تي تشدد ۽ جبري پورهي جي حوالي سان قانون موجود آهن والدين کي گهرجي ته هو پنهنجي پارن جي مڪمل ذميداري ڪئي آهن جو مدد جي لاءِ اسين ڳوٺن ۾ ڪر رهيا آهيون سوشل ويلفيئر ڊيپارٽمينٽ ۾ پارن جي تحفظ لاءِ مقرر ضلعي آفيسر خالد نظاماڻي چيو ته پارن تي ٿيندڙ تشدد ۽ مسئلن بابت اسان وٽ قانون ۽ مدد لاءِ ادارا موجود آهن جيڪڏهن اهڙو ڪو واقعو ٿئي تو ته والدين اسان سان رابطو ڪن انهن جي مدد ڪئي ويندي.

بقايا | سنڌيار | 17

صلي الله عليه وآله وسلم ريلي ڪڍي وئي. ريلي جامع مسجد مولانا حاجي احمد ملاح کان ڊي سي چوڪ تي اختتام پذير ٿي ريلي ۾ ڊاڪٽر عبدالحفيظ سمون ناظر اعلاجمعيت اهلحديث سنڌ، مولانا عبدالرزاق ابراهيمي، مولانا محمد خان توحيدي، مولانا عبدالعزز نظاماڻي، مولانا عبدالحڪيم نوهڙيو، مولانا عبدالستار سمون، مولانا قاري محمود ۽ ٻين علماءِ ڪرامن هزارين ماڻهن جي اجتماع کي خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان پينل ڪوڊ 295 A, 295B, 295C, 298, 298A جي تحت اسان جي پياري رسول حضرت محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي توهين ڪندڙ حيدرچانڊيو ۽ خليل چانڊيو کي سزا ڏني وڃي اهي صرف اسلام جا نه پر ملڪ جا به دشمن آهن انهن جون فيس بڪ اڪيڊيون انهي ڳالهه جون گواهه آهن اهڙن ملعون گستاخن کي قانون موجب سزا ڏني وڃي ته جيئن آئنده لاءِ ڪوبه ماڻهو مقدس هستين جي توهين نه ڪري. ڪوبه مسلمان اهڙا غليظ ۽ گنده لفظ برداشت نه ڪندو چا تو هان حديث رسول نه پڙهي آهي؟ ته توهان مان ڪوبه ماڻهو تيستائين مومن نٿو سگهي جيستائين آئون ان جي ماءُ پيءُ کان اولاد کان ۽ دنيا جي هر انسان کان وڌيڪ محبوب نه ٿي وڃان. ياد رکو جيڪي ماڻهو دين سان سچا نه آهن اهي ماڻهو ڪڏهن به هن قوم سان ۽ ملڪ سان به سچا نه ٿيندا. هي جنگ صرف دين لاءِ نه پر ملڪ لاءِ به آهي اهي صرف دين جا پر ملڪ جا به دشمن آهن

بقايا | سنڌيار | 18

جنجال ڪري ڇڏيو آهي 20 ڏينهن کان اسان جي لاڻيت ڪٽي پٽي آهي ان جا بل به پيارين آهن اسان اياز ملڪ سان رابطو ڪيو بل پيارن باوجود لاڻيت چوڪٽيل آهي هن آسرو ڏنو ۽ ٽن ڪلاڪن کانپوءِ هن پنهنجا پتاخور اظهار چانڊيو، علي رضا، ممتاز چانڊيو، نصرالله ۽ ٻين اڻ سجاتلن کي موڪلي اسان جي گهرن تي حملو ڪرايو ۽ چيو ته توهان ڪير ٿيندا آهيو جو احتجاج ٿا ڪيو ۽ ڪندين جي وڊيو ٿا پريو. هنن چيو ته حملي ۾ ڏنڊا لڳڻ سبب 2 جڻا قلندر بخش ۽ سندس پٽ ساجد علي سخت زخمي ٿي پيا ۽ ڪين اسپتال داخل ڪرايو ويو ان حملي جي ٿاني تي اين سي به داخل ڪرائي آهي پر پوليس ڪوبه ماڻهو گرفتار نه ڪيو آهي ۽ ٿي وري راشي اياز ملڪ خلاف ڪاروائي ٿي آهي. هنن تحفظ ڏيڻ، بجلي بحال ڪرڻ ۽ حملي آورن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو

بقايا | سنڌيار | 19

ٽينڊو پيو وڃي. بجلي، گئس جي لوڊشيڊنگ شهرين کي ڏهني مريض بڻائي ڇڏيو آهي. صفائي سترائي جي ابتر صورتحال. پيئڻ جي صاف پاڻي جي عدم فراهمي، مفلوج نڪاسي نظام، ٽٽل روڊ رستا، صحت ۽ تعليم جي سهولتن جو ڪوٽ جي ڪري شهري انتهائي ڪربناڪ صورتحال کي منهن ڏيئي رهيا آهن. ان جي باوجود چونڊيل نمائندا شهرين جا مسئلا حل ڪرڻ جي بجاءِ رڳو اقتدار ۽ ايوانن جا مزا ماڻڻ ۾ مصروف آهن. جنهن کي شهرين جي وڌندڙ مسئلن جي حل ۾ ڪا به دلچسپي ناهي. حڪمران، چونڊيل نمائندا ۽ اختياريون اڳهون ننڊ مان بيدار ٿي ڪري شهرين جي وڌندڙن مسئلن جي حل لاءِ قدم کڻن ته نه پٽي صورت ۾ ان جي خلاف ايس ڊي اي پاران پريور احتجاج ڪيو تيون ويندو. اهڙن خيالن جو اظهار هن پنهنجي آفيس ۾ ايس ڊي اي جي منعقد ڪيل اجلاس کي خطاب جي دوران ڪيو. جنهن ۾ ايس ڊي اي اڳواڻن مولانا عبيدالله پٽو، غلام مصطفي قلهوڙو، نور احمد قاسمي، عيدن جاگيراڻي، شاهه محمد انيءو، مولانا عبدالستار بروهي، بابو مهر، محمد منير ميمڻ، محمد صديق مهر، محمد ڪاشف شمسي، عبدالباري انصاري، امداد جهنڊير، طارق علي ميراڻي، ڏاڏو ابڙو، فضل الرحمن پٽو، ڊاڪٽر سعيد اعوان، فقير رمضان ڪوراڻي، جاويد ميمڻ، عبدالخالق، شعيب ميمڻ، محمد شهزاد، جاويد علي، غلام محمد، عبدالستار نوناري ۽ ٻين وڏي آنگ ۾ شرڪت ڪئي. اجلاس کي خطاب